

احساس جون ڪتڪتايون
زيب ڪنگو
Sami CHANNA
SHP





سوره سنڌي ادب



صاحب خان ·سوره· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

احساس جون ڪتڪتايون

شاعري

زيب ڪنگو

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو

ڪتاب جو نالو: احساس جون ڪتڪتايون
شاعر: زيب ڪنگو
ڇاپو: پهريون
ڇپائيءَ جو سال: 2003ع
تعداد: 1000
ٽائيٽل: سميع چنه
ڪمپوزنگ: عامر علي قريشي

مطبوعه: زاهد پريس ، قلعه دروازه ، زاهد روڊ حيدرآباد سنده.

ملهه: 90 رپيا

ڇپائيندڙ:
ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو

سٽاءُ

شاعري

اداري طرفان

ڪوڙئين پال ڪريم جا، جنهن ساجاهه ۽ سُرت سان نوازيو ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي خدمت جي سمجهه ڏني، مون کي اهو چوندي سرهائي ٿئي ٿي ته ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ادبي اڪيڊمي پنهنجي وس ۽ وت آهر جاکوڙيندي پنهنجي منزل طرف گامزن آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ادبي اڪيڊمي جي قائم ٿيڻ کانپوءِ اسان فيصلو ڪيو هو ته مانائتي سائين ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو ڪو نه ڪو ڪتاب هر سال ڇپائي سنڌ واسين آڏو پيش ڪيو ويندو پر پوءِ انهيءَ مقصد ۾ اجا به وسعت آندي ويئي ۽ ٻين اديبن ۽ شاعرن جا معياري ڪتاب ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي تحت ڪجهه عرصو اڳ نوجوان ڪهاڻيڪار رجب آزاد جي ڪهاڻين جو مجموعو "ڪارو چشمو" ڇپايو ويو ۽ هاڻ نوجوان شاعر زيب ڪنگو جي شاعريءَ جو مجموعو "احساس جون ڪتڪتايون" ڇپائي پيش ڪري رهيا آهيون. "احساس جون ڪتڪتايون" ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ادبي اڪيڊمي جو پنجون نمبر ڪتاب آهي، جيڪو سن 2003ع جو تحفو آهي.

زيب ڪنگو نوجوان ادبي لڏي ۾ ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي، سندس شاعري گلاب جي گل جي پتين جيان هڳاءَ واري آهي ۽ اوسي پاسي جو ماحول معطر ڪريو ڇڏي.

زيب ڪنگو جو هي ڪتاب احساس جون ڪتڪتايون ادارو ڇپائيندي سرهائي محسوس ڪري ٿو ۽ سنڌ واسين ۽ پڙهندڙن وٽان مانائتي موٽ جي اميد رکي ٿو.

ڊاڪٽر عبدالوحيد ميمڻ

چيئرمين

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو

14- 1- 2003ع

ارپنا

ان جيجل ڏاڏي سائڻ جي نانءُ

جنهن جي شفقت ڀريون ڳالهيون ۽ دعائون
مون سان زندگي ڀر گڏ رهنديون.

پياري امڙ جي نانءُ

جيڪا ڪجهه سال اڳ اسان کي
هن فاني دنيا ۾ ڇڏي هلي وئي،
پر سندس گود ۾ گذاريل لمحا
منهنجي جيون جو سرمايو بڻجي
منهنجي زندگيءَ سان
گڏوگڏ هلي رهيا آهن.

زيب ڪنگو

مهاڳ

شاعريءَ جي دائري ۾ داخل ٿيندڙ هن نئين دوست، زيب ڪنگوءَ جي شاعريءَ تي لکڻ لاءِ قلم کڻان ٿو ۽ رکي ٿو ڇڏيان. وري کڻان ٿو ۽ لکڻ جي پاڻ ۾ همت نٿو ساريان. ڇو!؟ ڇا اهو ڪو ڏکيو ڪم آهي منهنجي لاءِ؟ . . . نه. . . . !.

زيب جي هنن تخليقن بابت ڪيس ڪجهه لکي ڏيڻ لاءِ بلڪل ئي ڏکيو ڪم ڪونهي منهنجي لاءِ! پر ظلم هي آهي مون سان ته هي يار! لکڻ لاءِ ڪجهه وقت ڏيڻ لاءِ قطعي تيار ڪونه آهي. ۽ وقت. . ؟ جيڪڏهن ڏنو به اٿائين ته بس ايترو، ته هڪڙي نظر هن مسودي تي وجهو ۽ ڪن پل ۾ ڪجهه اکر لکي ڏيو ۽ اهي به پوءِ نه! هينئر جو هينئر. ۽ تڙي ڪڙي.

اڇا! هتي وضاحت ڪندو هلان ته زيب جي هن خوبصورت شاعريءَ سان هيءَ منهنجي پهرين ملاقات آهي. بلڪل پهرين. . . . . . .

۽ پلا خود زيب ڪنگي سان!؟ اها البته پئي آهي. ۽ ڪيڏو حيران ويتو ٿيان، ته ڪجهه سال اڳ لاڙڪاڻي ۾ سائٽس ٿيل پهرين ملاقات وقت پنهنجي موهيندڙ شخصيت، معصوم مرڪ ۽ مهذب گفتگوءَ سبب، زيب مون کي ڪيڏو نه پنهنجو مهربان ۽ پاڇارو نوجوان لڳو هو. ۽ اجهو هاڻي جڏهن هن جي اندر جي اجرن اڏمن سان هن شعري مجموعي ۾ مليو آهيان ته، پوري ويساهه سان چوان ٿو پيو ته، هو جيڏو پيارو انسان نظر آيو اٿم، اوترو ئي هو لڳو اٿم پيارو شاعر!.

۽ ڇا ڪاڻ ته، سياءَ جي لحاظ کان زيب خود هڪ پيار ڪندڙ، ملنسار ۽ محبتي انسان آهي، ان ڪري هن جي شاعري به ڄڻ سراپا هن جي سياءَ جو پڙاڏو پيئي پاسي، ۽ توڙي جو هن جي اها روحاني شاعري مختلف صنفن ۾ سرجبل آهي، پر هن جي دل ڄڻ غزل صنف ۾ وڌيڪ پئي ڌڙڪي، غزل، ۽ لفظ غزال مان

نڪتو آهي، ۽ ان جي معنيٰ آهي هرڻ جهڙيون اکيون. ۽ اجهو زيب پنهنجي غزل ۾ جابجا انهن غزالي اکين کي طرح طرح سان شاعريءَ ۾ منظوم ڪندو ويو آهي. ۽ ان بهاني سان چڻ اکين بابت سنڌي شاعريءَ کي مالا مال پڻ ڪندو ويو آهي.

تــو جو مرڪي نيڻ ڪنيا ها،
افــواهن جا مينهن وسيا ها.

يــا تہ ســپنو ٿيان يا تہ ســرمو وري،
ڪنهن طرح تنهنجي اکڙين ۾ پيارا پوان.

منهنجي گهورڻ تي هن آ مرڪي ڏنو،
ڪــيڏي جــيون ۾ تــازگـــي آئي.

زنجــيرون ديــوارون بہ ســوليون مگر،
اکيــن جي قلعي مان ڪو ڪاڏي پڄي.

زيب جي مٿين شعرن ۾ موضوع، برابر تہ اکيون ۽ اکين جا ڪامڻ آهن، پر انهن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ، قلعي مان ڪو ڪاڏي پڄي، ڪيڏي، جيون ۾ تازي، سپنو ٿيان، يا تہ سرمو، افواهن جا مينهن وغيره ايڏا تہ سرل، سريلا ۽ رسيلا آهن، جو شاعر زيب جي ان شاعراڻي گڻ کي ڏسي چوٽو پيو پويم تہ، اها شعر چوڻ جي محض هن کي عادت نہ، ذات ڏٺي وٺان، ذات مليل آهي. ياد رهي تہ شاعري بہ محبت وانگر هوندي آهي. ڪبي ناهي، ٿي ويندي آهي ۽ جيڪا شاعري ٿي ويندي آهي. اها ني ذات جو ٿل هوندي آهي.

زيب بہ هي شاعري ڪني ناهي، هن کان محبت وانگر بي اختيار ٿي وئي آهي. ڪنهن اردو شاعر چيو آهي.

دل سے جو بات نکلتي هے اثر رکهتي هے،

۽ انهيءَ حوالي پٽاندڙ زيب جي هن مجموعي جي ڪيئي سٽن ۾ دل کي ڇهندڙ اڇل به آهي ۽ امنگ به.

هوءَ جڏهن آئي گهٽيءَ جي ويجهڙو،
جڻ ته پهتس زندگيءَ جي وجهڙو.
هن ڪٽي منهن کي لڪايو شرم ڪان،
مون ڪيو هن کي تريءَ جي ويجهڙو.

هتي زيب جي هن شاعرائي اسلوب ۽ شاعريءَ جو هڪ خاص ۽ ڳٽائڻ جهڙو ڳڻ آهي ان جو مترنم لهجو! ۽ اهو پائنيان ٿو ته ان ڪري به آهي، ته زيب جهونگاري ۽ ڳائي ٿو شعر لکي. ۽ پائنيان پيو ته زيب جي هنن هيئين شعرن ۾ جيڪا سرلتا آهي اها آهي ئي ان باعث جو اهي شاعر پاران جهونگار جي مرحلي مان گذري، پوءِ پنن تي لٿا آهن.

تن ۾ تنهنجي تانگهه، او سهڻا آءُ هلي،
ويٺو اڏاريان ڪانگ، او سهڻا آءُ هلي.

- - -

نيڻ پنا، دل تڙپي پيئي،
نينهن بچايا نانگ او سهڻا آءُ هلي.

يا مثال طور زيب جا اهي مترنم ۽ تغزل سان لبريز شعر ڏسو، جن ۾ هن جا احساس ڇا ته خوبصورت آهن!

جيئن اڳڻ تي تو سنواريا وار ٿي،
مون دريءَ مان خوب ڪيا ديدار ٿي.

- - -

ڪيتري زلفن مان خوشبو ٿي اچي،
جنهن ڪيا چؤ ڦير پڻ هبڪار ٿي.

- - -

سندس يـاد ڇا هئي ، هــيون ڪتڪايون ،
ڪــچي ننــڊ منجهاران ، اٿاري هليو ويو .
اجـــا تائيـــن مان بس خماريون وتان ٿو ،
نــشو نينــــهن جـــو آ پيــاري هليو ويو .

۽ هتي زيب جي ڪوڙ سارن خوبصورت شعرن مان ڪي چوند شعر موز
هتي لکيا آهن ، نہ تہ هن جي هر صنف ۾ لکيل تخليق ۾ ڪيترائي اهڙا احساس
آهن جن ۾ دل ڪشي بہ آهي ۽ روشني بہ ۽ وڏي ڳالهہ تہ هن وٽ احساس کي
بيان ڪرڻ جو جيڪو سليقو ۽ ڏانءُ آهي . اهو هن کي سينيئر ۽ پختہ ڪار
شاعرن جي صف ۾ آڻي ٿو بيهاري.

هونئن تہ هٿ ۾ بہ گل تہ سونهين ٿو ،
ڪـنهن تہ ٿـاريءَ منجهان ڇنل آهي .

- - -

درد آهـــي تہ حـوصلــو آهـــي ،
ڪجهہ تہ ان جو مليو صلو آهي .

اصل ۾ زيب جي شعرن ۾ ، اندرون اندران هيءَ جيڪا درد جي لهر روان
دوان نظر اچي ٿي ان هن جي احساسن ۾ گدازيت ڏاڍي پيدا ڪري ڇڏي آهي .
۽ پلا درد جي اها مٺي مٺي لهر ، اها گدازيت هن جي شاعريءَ ۾ ڪٿان ۽
ڪهڙي سبب اچي ويئي آهي؟ ۽ اهو آئون ڇو ٻڌايان؟ خود زيب جي پنهنجي
لفظن ۾ پڙهو.

زيب هن جـي ٿي هر حوالي سان ،
منهـــنجي قسـمت ۾ شاعري آئي .

۽ شاعري! جيڪڏهن دل کي ڇهندڙ آهي تہ من کي ضرور موهيندي بہ
آهي.

۽ بنان سينئر جونيئر جي امتياز جي، شاعر، چمار ۽ منصب ۾ وڏو هجي يا ننڍو، سندس شعر سٺو هوندو ته هر ذوق واري وٽان داد ضرور لهڻندو.

۽ ان پرک تي شعر جا پارکو جيڪڏهن زيب جي هن مجموعي جي اڪثر سٽن کي پرکيندا، ته ڪيترن ئي شعرن تي اهي زيب کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا.

خير ..... زيب ڪنگي جي هن مجموعي واري شاعري، جيڪا به آهي سا ته آهي! پر هن کي هن مجموعي کان، اڳ به اڳتي وڃڻو آهي، ۽ اڃان گهڻو ڪجهه لکڻو آهي. ۽ گهڻو ڪجهه ته هن شاعريءَ بابت مون کي به لکڻ گهربو هئو، پر ڇاڪاڻ ته وقت مختصر ميسر هئو، ان ڪري لامحالا لکيو به اختصار سان اٿم ۽ اڃهو انهيءَ حوالي سان، مير تقي مير صاحب جو هي شعر مون کي بلڪل پنهنجي هن ٽڙ تڪڙ ۾ لکيل تحرير ۽ زيب جي هن مجموعي جي تخليق جي پس منظر ۾ صفا حسبِ حال پيو لڳي. ۽ انهيءَ ڪري ئي لکڻو پيو پويم، ته!

سر سري هن جهان سے گذرے،
ورنه هر جا جهانِ ديگر تها.

حيدرآباد
20 - 8 - 2002

نصير مرزا

استاد ۽ شاگرد جي حوالي سان

نومبر 1992ع ۾ عوامي شاعر مرحوم سائين گل حسن گوپانگ کان انٽرويو وٺندي پڇيو هو ته سائين اوهانجا ڪي شاگرد؟ ته مرحوم ٺهه ٺهه جواب ڏنو هو ته "اهي هاڻي منهنجا استاد آهن" تڏهن مرحوم جي لفظن تي مونکي عجب لڳو هو. اڳتي هلي مرحوم جا لفظ منهنجا لفظ ٿيڻ لڳا. مونکي تڏهن اچا به وڏيڪ عجيب لڳو جڏهن منهنجي هڪ شاگرد جنهن کي مون ايڊيٽرن ۽ سرڪاري ڪامورن ڏانهن خط لکڻ به سيکاريا هيو ته ٺهيو ۽ ان سانگهڙ جي پاسي ڏي ڪن پنهنجن دوستن کي چيو ته اشرف ته منهنجو شاگرد آ. هئي هنڌ اٿين چيائين ته همعصر ۽ هڪ استاد جا شاگرد آهيون.......خير ......

مونکي اهڙي ضرورت ته ڪانهي پر مرحوم گل حسن گوپانگ جا جيڪي لفظ مونکي پوگ يا ڊرامائي هيا لڳن اهي سچ ثابت ٿيا. ۽ هاڻي اهي ڪجهه منهنجا نالي ڇڙهيا شاگرد جن کي آگر ۽ ڪن کان وٺي ادب جي آڳند ۾ آندو اهي پنهنجي شهرت جا بکيا منهنجو شاگرد سڏائڻ ۾ عيب محسوس ڪندا آهن.

سو اڄ جا اپريل ۽ اونداهيءَ جي پيچرن تي هلندڙ شاگرد شاعر به هئي جو شاگرد سڏائڻ ۾ پنهنجي ڪوڙي شهرت ۽ عزت کي ڌڪ ٿا سمجهن.

بهر حال زيب منهنجي انهن شاگردن مان ناهي. هونءَ اسان وٽ شاگردن جا ٽي قسم اچن ٿا. هڪڙا صرف اصلاح ڪرائڻ لاءِ سو به نالي ۾ بس جيڪو اسان لکيو آ اهو صحيح آ توهان رڳو تصديق جي مُهَر هڻو سا به واه واه سان گڏ. ٻيا شاگرد وري اصلاح لاءِ ئي اچن ٿا ۽ چون ٿا ته جيئن وڻئي ٺيڪ ڪري ڏي. انهن ۾ ڪن جي مرضي اها به هوندي آ ته ٺاهيو توهان نالو اسانجو هڻو.

ٽيون قسم اهو آ ته اهي چون ٿا شاعريءَ جو اصول ۽ لوازمات (وزن بحر رديف قافيو وغيره) به سيکاريو ۽ اصلاح به ڪريو. انهن ۾ وري به قسم آهن

هڪڙا سڪڻ تي توجهہ گهٽ ٿا ڏين. زيب بہ دراصل ٽين قسم جي شاعرن مان شاگرد آهي مگر هن سڪڻ تي توجهہ گهٽ ڏنو.

لڳ ڀڳ زيب ۽ مان هڪ عمر جا آهيون. جنهن ڪري شاگرديءَ استاديءَ کان وڌيڪ دوستيءَ ۾ ويجها آهيون. پر ان هوندي بہ پرپٺ يا روبرو ڪنهن بہ حلقي ۾ هو منهنجو شاگرد سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندو آهي. خوش ٿي ان حوالي سان هر جاءِ تي منهنجو تعارف ڪرائيندو آ. حالانڪ مان ڪيس روڪيندو هان. سو مقصد جي ڳالهہ آ تہ زيب منهنجو فرمانبردار شاگرد آهي جنهن ڪري هن کي ٿورڙي وقت ۾ سٺي شهرت ۽ عوام کان موٽ ملي آهي.

هن جو هي پهريون ڪتاب آهي جيڪو بہ سال اڳ ۾ اچي ها پر مون کيس روڪي رکيو. هن جو ٻيو ڪتاب بہ تيار آهي. سندس ڇپائڻ لاءِ ڪيترن ئي ادارن ۽ دوستن آڇون ڏنيون آهن. پر منهنجي منع اٿس. انجو وڏو سبب زيب جي فني پختگي نہ هجڻ آهي.

زيب جي ڪلام ۾ ڪيترن ئي جاين تي فني ڪچايون آهن. انجو سبب زيب جو نہ سکڻ آهي. مون ان جي ڪلام جي اصلاح ڪئي آهي، سا بہ ڪٿي ڏيان سان تہ ڪٿي بي ڏيانيءَ ۾، ان ڪري جو زيب سکڻ تي توجهہ نہ ڏني تہ مونکي بہ مزو نہ آيو.

زيب جي ڪلام ۾ فڪر نئون يا نئين رخ ۾ ۽ منفرد نموني آهي. سندس اُپار قومي ڪارج ۽ سٺي شاعر واري آهي. ڪن ڪن سٽن تي مون کان بہ بي اختيار واهہ واهہ نڪرندي آهي.

هو اصلاح ۾ ضد نہ ڪندو آهي تہ جيئن مان لکيو آهي اهو صحيح آ. البتہ وزن بحر مشرق مغرب هجڻ ڪري ڪڏهن ڪڏهن مان بہ نهيو ڪندو آهيان. ڪوشش ڪندو آهيان لفظن جي نهڻ، ۽ فڪر ۾ مناسب هجڻ جي. انڪري خاميون زيب جي کاتي ۾ آهن تہ خوبيون ۽ فڪر جي نواڻ زيب جي خوبصورتيءَ ۾ آهن.

زيب جو عوامي ڪلام ريڊيو تي گهڻو اچي چڪو آهي ۽ عوام پسند ڪيو آهي. ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ آهي. مان ايترو چوندس تہ زيب محنت ڪئي تہ يقينا هو سٺو شاعر ٿي پوندو.

اشرف زمان پير چنڊ امي
ايڊيٽر
"نئون چنڊ" ڊکڻ ضلع شڪارپور

خوبصورت شاعريءَ جو سفر!

سنڌي شاعريءَ جي اڀ تي الاهي روشن ستارا جڳمڳائيندي پنهنجي هئڻ جو احساس ڏيارن ٿا اهڙن روشن ستارن منجهان اسان جو شاعر دوست زيب ڪنگو بہ آهي جنهن جي شاعري ۾ زندگيءَ سان لاڳاپيل سمورن موضوعن تي خوبصورت خيالن رنگ برنگي گل ٽڙيل نظر اچن ٿا جن جي خوشبوءِ جو ڪينواس سموري سنڌ ۾ پکڙيل آهي جنهن جو شاعراڻو واس بي چين روحن کي تازگي ارپيندو رهي ٿو.

زيب ڪنگي جو جنم 01 مارچ 1960ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيو پاڻ لاڙڪاڻي، ٺٽي ۽ ڄامشوري جي مختلف شهرن ۾ تعليم پرائي 1984ع ۾ پوليس کاتي ۾ ڊيوٽي جوائن ڪيائين. جڏهن تہ هن خوبصورت شاعر ۽ سهاڄهي طبيعت جي سياڻي رڪنڌڙ شاعريءَ جو سفر 1990ع واري ڏهاڪي کان شروع ڪيو جيڪو اڄان تائين جاري آهي. ۽ هن جي شاعري جا رنگ جيئن پوءِ تيئن وڃن ٿا نکرندا ۽ هاڻ تہ جوين نکار ماڻي پڙهندڙن ٻڌندڙن کي پنهنجي خوبصورت شاعراڻي سحر ۾ جڪڙي من مايوس کي آٿت ڏين ٿا.

شاعري ۽ پوليس کاتو ٻئي الڳ الڳ شعبا آهن جن جو هڪ جاءِ تي ٻيهي ڪم ڪرڻ مان سمجهان ٿو انوکو مثال ٿيندو ڇو تہ شاعر حساس ۽ نازڪ نفيس جذبن ۽ احساسن جو مالڪ ٿئي ٿو ۽ وري پوليس کاتو ابتڙ ٿئي ٿو. پر ائين بہ ناهي سنڌ سنڌ نہ ٿي آهي. "اڄان ڪي آهين ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي" زيب ڪنگو کي مان شاعر جي حوالي کان ڪافي وقت کان پڙهندو پيو اچان، پر روبرو ملاقات ويجهڙ ۾ نصيب ٿي آهي ڄاڻ جيڏو شاعري جي حوالي سان حساس، معتبر ۽ منڙو ماڻهو آهي اوترو ئي وري شخصي حوالي سان سهاڄهو محبتي ۽ سچي خلوص جي دولت سان مالامال آهي. زيب جو شمار انهن چند نوجوان شاعرن ۾ ٿئي ٿو يا ڪري سگهجي ٿو جن ٿوري وقت ۾ ڪوڙ ساري

شاعري ڪئي آهي اها شاعري به فن ۽ فڪر جي حوالي سان خوبصورت ۽ پختي آهي. هن جي شاعريءَ ۾ ڪائنات جي سونهن جا سمورا رنگ چٽيل آهن جيڪي اکين کي ٺڏڙو ڇهاءُ ارپن ٿا. زيب صاحب جي قوم، ٻولي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ وارن جي درد جو به چٽو اولڙ آهي.

زيب ڪنگو پوليس آفيسر يعني اسسٽنٽ جيل سپريڊنٽ آهي ۽ سنڌس شاعري ۾ استاد اشرف زمان پيرچنڊامي آهي. جنهن سنڌس ٽيڪ ٽاڪ تعميري اصلاح ڪري پختگي تي آندو. ياءُ زيب جو تازو ئي ڪوتا ڪتاب " احساس جون ڪتڪتايون" ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي ڏسون ته مارڪيٽ ۾ پاڻ کي ڪتي تو بيهاري ۽ اسان جا پڙهندڙ ڪيتري ٿا موٽ ڏين مونکي اميد آهي هن نوجوان شاعر جو ڪوتا ڪتاب پنهنجي ٿهيءَ جي شاعرن ۾ پنهنجو مقام ضرور ماڻيندو.

آصف منياڻوي - منياڻي

زيب هڪ زيبائتو شاعر

ان ڪان وڏيڪ منهنجي لاءِ ٻي ڪهڙي خوشي ۽ سٺي مصروفيت هئي جو مونکي سائين اشرف زمان صاحب حڪم ڪيو تہ "ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊمي" پاران محترم زيب صاحب جي شاعريءَ جو ڪتاب ڇپجي جيڪو "مهراڻ ڪمپوزر شڪارپور" ۾ ڪمپوز ٿو ٿئي تون ان جا پروف پڙهہ ۽ ڪتاب جي ڪجهہ سينال ڪر- باقي آخري پروف مونکي ڏيڪار جانءِ."

سائين پاڻ پريس سان معاملو طيءِ ڪري مونکي ڪم جي حوالي ڪري ڇڏيو. مان روز پروف پڙهندو رهيس.

لازمي آ پروف توجهہ سان پڙهڻو پوي ٿو تہ شاعر جي خيالن ۽ لفظن جي اونهائي ۾ بہ هليو وڃجي ٿو. مان شاعر تہ آهيان ڪو نہ جو مون ڪي شاعريءَ جو فن يعني وزن بحر جي خبر پوي. ان ڪري شاعريءَ جي فني خوبين خامين ڪي تہ نٿو ڄاڻي سگهان. البتہ زيب صاحب جي شاعريءَ ڪي پڙهندي ڪٿي تہ خوبصورت خيالن جي وهڪري ۾ لڙهي ٿي ويس تہ ڪٿي ڪوهہ جهڙن اونهن خيالن ۾ لفظن جي مالها سان هيٺ هليو ٿي ويس. زيب جي شاعري مان ان ڪري بہ مزو آيو جو سندس شاعري عشق حسن واري اٿس يا سماجي تجربي ۽ مشاهدي ۽ مطالعي واري پر اٿس اڄ جي حالتن سان ٺهڪندڙ. مثال طور مون اڄ ني هڪ ڏکيو حادثو ڏٺو ۽ وري پروف پڙهندي زيب جي غزل ۾ هي سٽون مليون

سامان موت جو آهن هي شاهراهون،
معلوم ٿيو هي اخبار جي خبر منجهان.

زيب صاحب جيل ڊپارٽمينٽ ۾ آفيسر آهي. ظاهر آ جيل جي دنيا هڪ بند دنيا آهي جنهن ڪري زيب اکين سان حادثا گهٽ ٿو ڏسي ۽ اهو سڀ ڪجهہ

اخبار پڙهي محسوس ٿو ڪري ته اسان وٽ ٽريفڪ، ٽراسپورٽ ۽ رستن روڊن جو کهڙو حال آهي.

اخبار پڙهڻ مان هڪ ٻي به اڄ ڪلهه رواج رسم وٺندڙ ڳالهه جو به ذڪر ڪري ٿو ته

سرخيون اخبار جون ٿيون ٻڌجن پيون اڄ ڪلهه،
معمول تي ويون خبرون خود ڪشيءَ جون.

واقعي اڄ ڪلهه هر اخبار ۾ هر روز ٻه چار خبرون اهڙيون آهن جو ڪنهن هٿيار سان ته ڪنهن زهر پئي ڪنهن ڦاهو ڪائي پنهنجو انت آندو.

زيب صاحب معاشري جي اهڙين ڳالهين کي وڏي افسوس ۽ حيرت مان شاعريءَ ۾ آندو آهي هڪ شاعر ان ڪان وڏيڪ ٻيو ڪري به ڇا ٿو سگهي.

زيب صاحب سان منهنجي هڪ به دفعو سائين اشرف صاحب جي ساٿ ۾ ملاقات ٿي آهي. ڳالهائڻ ۽ طبعيت ۾ نهايت پرڪشش سباجهو وڻندڙ ماڻهو آهي. خوبصورت نوجوان ۽ حساس جذبن وارو ماڻهو آهي. ان ڪري ئي هڪ عشقيه غزل ۾ هن اهڙي ناجائز الزام تراشيءَ تي افسوس ڪندي اظهار ڪيو آهي ته

ساري عمر ڪنهن يار اسان تي آگر نه ڪنئي هئي،
ڇا خبر ته الزام اچي پوشاڪ تي اڃٽو پوندو.

ضروري نه آهي ته شاعر اها ڳالهه پاڻ سان ئي لاڳو ڪري ڪنئي هجي. شاعر پاڻ ڪان سواءِ معاشري جو به ته شاعر هوندو آ. مطلب آ ته معاشري ۾ ناانصافي ڪيترو وڏيل آهي.

مونکي زيب جي شاعري تي ڪو به لکڻ جو ارادو ڪو نه هو پر شاعري پڙهڻ سان وڻندي وئي ته سائين اشرف صاحب ڪان به اڪر لکڻ جي اجازت گهريم ۽ لکڻ لاءِ دراصل مونکي هينئين سٽن ئي مجبور ڪيو هو، جيڪي منهنجي ذهن جو ان وقت ولوڙو هيون.

کري هرکو حاصل تو محنت سان روزي،
ڪـــتي اڃلي ڏيندو ڪـــو آڪاش ڪونهي.

زيب صاحب اها ئي ڳالهہ ڪري تو جيڪا معاشري ۾ سياڻا پهاڪي طور چئي ويا آهن تہ "محنت ڪان سواءِ ڪو بہ ڪنهن کي ڪٿي ڪو نہ ڏيندو نہ ڪي آسمان مان ڪو نوالو، پنسو ڏوڪڙ ڪرندو جو ماڻهو نڪمو ٿي هٿ هٿ تي رکي ويهي رهي."

مونکي تہ عجب لڳو تہ زيب صاحب شاعري ۾ هر پاسي ڏٺو آهي. هي ديس ۾ حب الوطني جو بہ ڏيک ڏئي ٿو. هڪ غزل ۾ نالي واري مصرع ۾ چئي ٿو تہ

زيب اکين تي ڌرتيءَ ڇاوا،
ايــرا تــوڙي ســيرا ماڻهو.

هو ڌرتيءَ ڇاون وانگر ڏسي. ڏنگن ڏاون کي بہ پلن سان گڏ اکين تي رکي ٿو، ۽ اهو ئي هڪ شاعر بلڪ سٺي شاعر جو گڻ آهي جو ڌرتي ماتا تي اپريل گلن سان گڏ ڪنڊن کي بہ پنهنجو ئي پانئين ٿو.

هي تہ ڪجهہ غزلن مان ڪنيل مثال آهن. پر وايون، آزاد نظم ۽ ٽيڙو بہ زيب جا پڙهيم. اوهان بہ پڙهي ڏسو. زيب جو هر هڪ شعر ڪنهن بہ فڪري دعوت، صلاح ۽ اصلاح کان خالي ڪونهي. زيب جو ڪلام ريڊيو ۽ ڪيسٽن ۾ بہ گهڻو اچي چڪو آهي ۽ اهو بہ مون ٻڌو آهي. زيب ڪتابي شاعر سان گڏ هڪ عوامي شاعر بہ آهي. مجموعي طور مان ائين چوندس تہ زيب سچ پچ هڪ زيبائتو ماڻهو ۽ شاعر آهي. ڪيس پڙهڻ کان پوءِ هن جي فڪر کي سمجهڻ جي ضرورت باقي رهي ٿي،

اصغر جنوئي

اسسٽنٽ ايڊيٽر
"نئون چنڊ" پبليڪيشن، ڏکڻ / مدئجي
ضلع شڪارپور.

شاعر پاران:

شاعري کي آئون لفظن جي کيڏ نٿو سمجهان، پر دل جي ڪويل جي ڪُوڪ سمجهان ٿو، اها احساس جي آگ ۽ گلابن کي هڪ ٻئي ۾ ڪٽڻ جو اعليٰ نمونو پڌرو ڪري ڏيکاري ٿي، دلربا وابستگين جو سفر شعرن جو روپ ڌاري منهنجي من جي دروازي مان جڏهن به ٻاهر نڪتو آهي مون پاڻ کي پرسڪون پاتيو آهي، رومانس، حسن پرستي، سماجيات، ۽ منظر نگاري پاڻمرادو لاوي وانگر نڪري پنن تي ايندا رهيا آهن. مون ڪڏهن به ڪا دعويٰ ناهي ڪئي، بس جيئن جيڪو محسوس ڪيو آهي ان کي لکيو آهي، پيار منهنجي شاعري جو محور رهيو آهي، ڇو جو پيار کي آئون هڪ فطري عبادت سمجهان ٿو، پيا ئي محبوب رستو آهي جيڪو انسان کي انسان سان ڳنڍي ٿو. مون باقائده شاعري جو آغاز 1987ع ڌاري ڪيو آهي، جيڪو سفر اڄ به جاري آهي، مون وقفي وقفي سان شعر لکيو آهي، نوڪري جي مصروفيت ڪري ڪڏهن ڪڏهن لاڳيتو نه به لکي سگهيو آهيان ته ڪڏهن لاڳيتو لکيو به اٿم.

شاعري جي هن سفر ۾ منهنجي لاءِ سائين اشرف زمان پيرچنڊامي جو ٻاجهه ڀريو سايو رهنما رهيو آهي، مون کي سائين اشرف زمان جي رهنمائي تي فخر رهيو آهي، پاڻ وک وک تي منهنجي شاعرانه سفر کي اتساهه ڏياريندو رهيو آهي، شاعري جي گسن جي آشنائي مون کي اتان ئي ملي آهي، مون شاعري کي هميشه اعليٰ سنجيدگي سان کنيو آهي ۽ اعليٰ سنجيدگي جي اک سان ڏٺو آهي.

منهنجي شاعري کي موسيقي جي ويس ۾ جيڪا به پذيرائي ملي آهي يا ملندي رهي آهي ان ۾ پياري دوست محبوب راڳي عاشق نظامائي جو وڏو سهڪار رهيو آهي، عاشق دل سان منهنجي شاعري کي ڳائي عوام تائين

پهچائيندو رهيو آهي، ان حوالي سان آئون عاشق نظاماڻي جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان.

ريڊيو ميڊيا جي ذريعي منهنجي شاعري کي پکيڙڻ لاءِ آئون بيحد ماناڻي دوست ڪمپيئر اڪبر جتوئي جي محبتن جو بيحد شڪر گذار آهيان، اڪبر منهنجي احساسن کي ريڊيو جي رستي آئي منهنجي هن شاعراڻي فڪر کي متعارف ڪرايو آهي.

منهنجو هي قلمي پورهيو جيڪو "احساس جون ڪتڪتايون" نالي سان سهيڙيو ويو آهي. ان ۾ مختلف صنفون شامل آهن جيڪي منهنجي مختلف ڪيفيتن جون عڪاس آهن، بنيادي طور تي مون غزل کي پسنديده صنف طور چونڊي ڪنيو آهي، جنهن سان دلي لڳاءُ به رهيو اٿم. منهنجو هي قلمي پورهيو انتهائي محترم دوست مخلص انسان سائين ڊاڪٽر عبد الوحيد ميمڻ صاحب ذاتي دلچسپي وٺي جنهن مان ۽ پيار مان ڇپائي پڌرو ڪرڻ جو بار پنهنجي ڪلهن تي ڪنيو آهي، ان نه وسرندڙ اعليٰ محبتن ۽ قربتن جو دل سان احسانمند آهيان، سائين عبدالوحيد جي محترم ڪوشش سان ئي هي ڪتاب ايترو جلدئي پڌرو ٿيو آهي جنهن تي دلي خوشي اٿم، محبتن جي حوالي سان پياري دوست شاعر ايوب کوسي جي قربتن کي به نٿو وساري سگهان جيڪي مون سان گڏ رهيون آهن.

"زيب" ڪنگو
حيدرآباد

توکي تحفو تو ڏيان خوشي ميڙي.
تون بہ ڇڏ هاڻي دشمني ميڙي.

پهر پوئين ۾ مان پڳس توو ٽ،
چانڊوڪي مان رات جي سڄي ميڙي.

جو محبت ۾ وڌو تئي فاصلو،
ڪنهن ڇڏي آ دوستي ميڙي.

وڃ نہ واپس ائين هوائن ۾،
تون پرين پنهنجي ڇُني ميڙي.

رات پاڙي منجهان هٽي ڌاڙو،
موت ويو آهي زندگي ميڙي.

مون کي اڙپي طويل اونداهي،
هو هليو ويو آ روشني ميڙي.

دل جي حالت الاءِ ڇا ٿيندي،
زلف ويندي جو سانوري ميڙي.

"زيب" تنهنجي اکين جي رستي تان،
پيو اجان تائين شاعري ميڙي.

زندگي ڪنهن راهه تي رُڪجي وئي.
جيئن اُجي درياهه تي رڪجي وئي.

هُن ڪنو يي اڻ ڪنن وانگر مون کي،
ڪا ڇُري جڻ ساهه تي رُڪجي وئي.

مان خوشيءَ سان ٿياس تي وينس چڙهي،
چاهنا بي چاهه تي رُڪجي وئي.

تي جڏهن اميد جيون جي ختم،
پوءِ نظر الله تي رُڪجي وئي.

”زيب“ منزل کي به ويجها ٿياسون پر،
بي صبر وٽراهه تي رڪجي وئي.

زندگي انسان ۾ ڳوليان پيو.
۽ خوشي ويران ۾ ڳوليان پيو.

سادگي منهنجي ڏسو دل جا زخم،
جسم تي نيشان ۾ ڳوليان پيو.

روز جو سپنن ۾ آ ملندو اُهو،
گوڙ ۽ گمسان ۾ ڳوليان پيو.

پيار جو معراج ماڻي پاڻ کي،
زلف جي زندان ۾ ڳوليان پيو.

ويو هليو جو "زيب" آهي امن سو،
جنگ جي ميدان ۾ ڳوليان پيو.

جيئن اڀ ۾ هزارين ستارا آهِن.
تيئن دل منهنجي آ پيارا آهِن.

سنڌؤ کنارن وانگي تون ۽ مان،
ملندا ناهن جڻ ڪنارا آهِن.

تون وئين شهر جي شور ۾ گم ٿي،
مون سان گڏ سور سگها را آهِن.

سوچيان ٿو مان ڪيئن ڏيان ڪنهن کي،
پنهنجا لڙڪ هاڻ اڌارا آهي.

پيار جا تحفا رهڻ ڏي مون وٽ،
"زيب" ڪان ڪس نه سهارا آهِن.

مــن جي مــاٺ ۾ ڪــنـهــن پــٽــر اڇلايــو.
سـمـنـڊ جي لـهـرن کي ڪـنـهـن وري ڇرڪايـو.

هــڪ دفــعــو مــان وري ڏڪــن ۾ اڙجي ويــس،
هــڪ دفــعــو مــاضـي وري پــاڻ کــي ورجايــو.

تـيـڪ آهُن ڪٽـي احــسـاس نــه ڪـيـو منـهـنجو،
هــن جي يــاد تــه مــرڪــي اچي پــرچايــو.

پــاڻ تــي قــابــو رکــو اي واعــظــو تــورو،
مــون کــي ڇا تــا ديــن هــاڻــي ســمـجهــايــو.

”زيــب“ کــي ڪـنـهـن جي ڪـندي ڇا پـريـشـانـي،
روڪـيـو لـڙڪـن کـي نـه مـون کـي هـيـسـايـو.

نبيڻن جو سفر وڏندو ٿو وڃي.
قدمن جو سفر وڏندو ٿو وڃي.

آءُ، اڄي ڏي ساٿ گهڙي پل،
لمحن جو سفر وڏندو ٿو وڃي.

منزل ب نظر ۾ آسامهون،
رستن جو سفر وڏندو ٿو وڃي.

ڳل تان ميڙي ٽڪجي پياسون،
لڙڪن جو سفر وڏندو ٿو وڃي.

دل تائين وڃي پهتو آ مگر،
قربن جو سفر وڏندو ٿو وڃي.

سورج ٿو لهي ڪرڻا ٿا ڪٽن،
پاڇن جو سفر وڏندو ٿو وڃي.

”زيب“ ڪئي آدير مسيحا،
دردن جو سفر وڏندو ٿو وڃي.

الله توکي عطا هي خوشيون بار بار ڪري.
جواني بخشي ۽ تنهنجي وڏي چمار ڪري.

هميشہ تنهنجي خوشين جي هجي موسم پياري،
۽ تنهنجو ماحول خدا سدا سازگار ڪري.

ڪڏهن نہ غم ڪو پلي تنهنجي دامن ۾ اچي،
ڪڏهن نہ درد ڪو توکي اچي اشڪبار ڪري.

اسين گهرون ٿا دعائون رب کان هردم هي،
ڪوئي نہ توکي اسان کان بہ ڌار ڪري.

تنهنجي سالگرهہ مون لاءِ عيد جو ڏينهن آ،
لفظ آٿيان ڪٿان جو پڌايان اظهار ڪري.

خوشي ۾ ڪلندي ڏتم جيڪي دوست آيا اڄ،
اهڙا پيارا خدا شل لکين هزار ڪري،

تون تہ آهين سراپا پيار جو مظهر،
ٻچيءَ ۾ توکي پايان ”زيب“ هار ڪري.

چوڙي وار آروڪي بيٺو.
ڪو سنسار آروڪي بيٺو.

هائي هڪڙو شخص هٺيلو،
هر اسرار آروڪي بيٺو.

پئي پاسي مان ڪيئن نهاريان،
بانهن هار آروڪي بيٺو.

تو بن رڻ ۾ آئون اڪيلو،
غم چوڌار آروڪي بيٺو.

هاڻ لڳي ٿو ڀوڙي وڃهندو،
هو وسڪار آروڪي بيٺو.

هر پٿر کي هر وحشت کي،
تنهنجو پيار آروڪي بيٺو.

ڇئو اسان جي چاهت کي ڇو؟
جڳ هر بار آروڪي بيٺو.

"زيب" حُسن جو ڀرم سمائي،
دل جو بار آروڪي بيٺو.

مشڪ تنهنجو بدن زلف تنهنجا عنبر.
واس تو ڪان وڻڻ لئہ رهيس منتظر.

تنهنجي خوشبوءِ هوا ۾ اڏڻ ڪان اڳي،
مونکي تنهنجي اچڻ جي پئي آ خبر.

توهان جا جي چيڙا چريا ساز جڻ پيو ڇڙي،
هن دل تي ڪرين ٿي ڪيڏا قهر.

”زيب“ پازيب سمجهي تہ پائي ڏسو،
مون متان جي اٿئي مهر واري نظر.

تنهنجي نيڻن ۾ جيڏي آگهرائي.
منهنجي من ۾ به اوڏي آ اونهائي.

رڳ رڳ ۾ آهين رچي تون ويو،
پوءِ به مون لئه ڇڙ آهي تنهائي.

تون به ڪٿي پنهنجي پر ۾ آهين سچو،
مون به تو سان نه ڪئي ڪڏهن بي وفائي.

تون جڏهن مون لئه بي چين آهين ته پوءِ،
باقي منهن تي ڪرين ڇو پرين ٿو پڪائي.

ڪيئن لڪي سگهندي زيب خوشبو ڪٿي بي
عشق جي ڳالهه آڌس پلا ڪنهن لڪائي.

منهنجي نيڻن ۾ روشني آئي.
جڏهن تون ڏي هلي زندگي آئي.

مون ته سانجهيءَ کان ديپ ٻاريو هو،
پر نه اوندهه ۾ ڪا ڪمي آئي.

هن جي پهچڻ سان تيز دل ڌڙڪي،
مرڪ چپڙن تي آتري آئي.

منهنجي گهورڻ تي هن آ مرڪي ڏنو،
ڪيڏي جيون ۾ تازگي آئي.

پوئنر گلڙن سان ٿي ڪيون ڳالهيون،
اڄ گهر پيار جو پڙ سڪي آئي.

”زيب“ هن جي ئي هر حوالي سان،
منهنجي قسمت ۾ شاعري آئي.

ڪوئي ڪنهن کي پيو پري کان سڏي.
اسان جي نظر تي اوهان ڏي کڄي.

تنهنجي هڪ اشاري سان دلبر متا،
ڪليسا جي گهنڊ وانگي دل تي وڄي.

اوهان تي پيلا ڪهڙو پوندو اثر،
شهر تنهنجي ۾ ڪوئي رهي يا لڏي.

زنجيرون ديوارون ٻه سوليون مگر،
اڪين جي قلعي مان ڪو ڪا ڏي پڄي.

انهيءَ کان پڇو جنهن سان گذري پئي،
ٻئي کي ڇو ڳڻتي تري يا ٻڏي.

رهي ”زيب“ توسان تو اڄڪلهه جيئن،
رهيو ڪين ڪنهن سان ائين آڳي.

تنهنجي رسوائي کان مان تو ڊڄان.
مان تڏهن تہ يار چپ تو رهان.

روڪي مون کي دل تي منهنجي،
ڏوهہ ڏيان مان ڪنهن جي متان.

چنڊ ستارن سان گڏ ويهي،
رات ڪٽي تو ڏينهن ڪيان.

ياد تنهن جي جنهن دم تي اچي،
ڇرڪ پري تو تڙپي اٿان.

تون هڪڙو پيرو اچ ڏسڻ پرين،
آ "زيب" جي حالت ڏسڻ وٽان.

پنهنجي نيڻن جو پري ساحل نہ ڪيو.
ائين منهنجي روح کي گهايل نہ ڪيو.

ٿورو ترسو مان تہ سڪ لاهي وٺان،
خالي پنهنجي در تان سائل نہ ڪيو.

مان رقيبن کي ڏسڻ چاهيان نہ ٿو،
غير خوشين ۾ ڪڏهن شامل نہ ڪيو.

تو رکيا هٿ منهنجي اکڙين جي مٿان،
سمجهي ويندس پر اوهان حائل نہ ڪيو.

مون نڀايو آ پرين هر حال ۾،
هيئن وفائون "زيب" جون زائل نہ ڪيو.

مٽان ڪٽي نہ ٽي وجون ڏار پوءِ نہ ڇٽجاڻ.
وڇڙي نہ وجون يار پوءِ نہ ڇٽجاڻ.

دشمن پيي رهن ٽا روز ٽاڙانهيءَ ۾،
اهڙي ڪا اٿئي خبرچار پوءِ نہ ڇٽجاڻ.

جي ڏئي نہ سگهين ظاهر تہ لڪي ئي مونکي ڏجاڻ،
محبوب مٺا مونکي پيار پوءِ نہ ڇٽجاڻ.

محبت ۾ هڪڙو بہ نہ پنٽي هٽبو قدم ڪڏهن،
تون بہ گڏ هلڻ لئہ ٿي تيار پوءِ نہ ڇٽجاڻ.

زيب ڪي تنهنجي دل ۾ لڳي ٿو ڪوٽ وڏو،
ڪجهہ پاڻ ڪي پاڻ سُڌار پوءِ نہ ڇٽجاڻ.

سمنڊ ڪناري، شام ڏاري ويٺس اڪيلو.
ڳوڙها هاري شام ڏاري ويٺس اڪيلو.

هڪ سور تنهنجا پيو تنهنجون ئي يادون،
سيني ۾ ساري، شام ڏاري ويٺس اڪيلو.

اهو سڄ جو لهڻ، هٿ هٿ ۾ ڏيڻ،
نه سگهيم وساري، شام ڏاري ويٺس اڪيلو.

شور هوائن جو ۽ ڪڪرن جو گوڙ،
پوئتي نهاري، شام ڏاري ويٺس اڪيلو.

"زيب" زخمن تي ڪيئن مرهم رکان مان،
ياد ڏياري، شام ڏاري ويٺس اڪيلو.

مون سان هاڻي ملندو ڪير؟
نيڻ ملائي ڏسندو ڪير؟

روئي پوان جي آنءُ ڪڏهن،
لڙڪ پو منهنجا اگهندو ڪير؟

جيئن هلين تون تنهنجي مرضي،
توکي سهڻا چوندو ڪير؟

تنهنجي اڳيان پٺيان ماڻهون،
تون سان گڏجي هلندو ڪير؟

پاڳل چڙهيو آهي گهوڙي،
هاڻي چوي تو لهندو ڪير؟

هر هر سهڻا ٿاهي ڍاهين،
روز ٻه ٺهندو ڍهندو ڪير؟

"زيب" هليو ويو جي هن جڳ مان،
سور پو تنهنجا سهندو ڪير؟

ظاهر سندر چهرا ماڻهون.
ڳجهه ۾ ڪيڏا ڳهرا ماڻهون.

منهن تي رونق گلشن جهڙي،
اندر ۾ پر صحرا ماڻهون.

نينهن پيلا ڪيئن لايون ان سان،
جنهن جي در تي پهرا ماڻهون.

ڪي ڪي صاف شفاف ۽ مکڻ،
ڪي ڪي ڪتڙا ڪهرا ماڻهون.

حال اندر جو اورن ويٺا،
شيشي جهڙا اجرا ماڻهون.

ڪڏهن اسان وٽ پل نه ترسن،
آهن روز اپهرا ماڻهون.

"زيب" اکين تي ڏر تي جاوا،
ايرا توڙي سيرا ماڻهون.

اچي محب تنهنجي پيس مان پناري.
دنيا سڄي پي آيو هان وساري.

جيڪي راتيون تو سان هيون گڏ گذاريون،
ڇڏيان ڪيئن سي مان دل تان اتاري.

ڪريان هاڻي ڇا مان مون کي چين ناهي،
پڙي پيار جي تو ڇڏي آ پياري.

آيو تنهنجي در تي سڄڻ دانهين آهيان،
لڳايو سڄڻ ڪنهن ڪنڌي ۽ ڪناري.

ڪري "زيب" دل تي دردن کان دانهون،
محب مونکي جيئري ويو آهي ماري.

ڪڏي هن ڇڏيو ائين دل جي نگر منجهان.
مون ڪي ڄڻ ڌڪارئين منهنجي ئي گهر منجهان.

مان ته جواني جي پڳم ڇڙواڻي تي،
هو نه نڪتو اڃان ٻاراڻي اثر منجهان.

اڪ ٽريڊ ڪري پر مان ويو ڏسندو،
چاهه محسوس ڪيم هن جي نظر منجهان.

سامان موت جو آهن هي شاهراهون،
معلوم ٿيو هي اخبار جي خبر منجهان.

گهڙي پل شڪ جي پيس چند سمجهي،
ڪٽي چڪ نهاريو جو هن در منجهان.

حادثا روز دلين جا بڻيا "زيب" معمول،
هڪ رڳو مان ناهيان زخمي شهر منجهان.

مصروف تہ چا ٿي ويون آهن راهون زندگيءَ جون.
حادثن آهن وکوڙيون منزلون سڀ خوشيءَ جون.

رات تارن ۾ لنوائڻ جي ڪئي ٻڌائڻ کان،
ڪندو هر هر رهيس مان پڇائون روشنيءَ جون.

سرخيون اخبار جون ٿيون بڻجن پيون اڄڪلهہ،
معمولي ٿي ويون خبرون خود ڪشيءَ جون.

اڄ بہ پئي خبر تہ بہ خون ٿيو دل جي ڪٿي برهم،
دوستن ۾ بہ رهيون ناهن وفائون دوستيءَ جون.

تسليون دل کي ڏنم سمجهائيم مگر افسوس،
اکين راهون ٿي ڏٺيون پوءِ بہ هن جي گهٽيءَ جون.

"زيب" نيڻ، چپ خشڪ ٿي ويا تلاش هن جيءَ ۾،
مرڪون ورهائي نہ سگهيم اڄ پي مان شاعريءَ جون.

حدون منهنجي گهر جون اورانگهي ويو.
وسي وڏ ڦڙي مينهن وانگي ويو.

ڇپر ڇانو هاڻي نه ڪوئي رهيو،
پرين پيار جا وڻ ئي ڇانگي ويو.

نه موٽيو وري آهي ماضي جيان،
مون کان بس رڳو ڪم سانگي ويو.

وساري ڇڏيئين يا ته مجبور آ،
هتان هنڌ ٻئي ڪنهن اڙانگي ويو.

پرين کان سوا مُلهه ڪوئي نه تيو،
”زيب“ وکجي هتي ملهه سهانگي ويو.

هر گهڙي آيار تنهنجي گهر اچيان.
ايندي ويندي آءُ تو پلجي پوان.

تنهنجي قدمن جو تو کڙکو جيئن ٿئي،
پنهنجي ويجهو پرين تو محسوس کيان.

پياس اکڙين جي وڌي ٿي دلربا،
جيئن سامهون تو سچڻ توکي ڏسان.

تون ملين تو جڻ ملي ٿي زندگي،
"زيب" اٿپورو آ تنهنجي بنان.

دل ڪري ويو ڪوئي آسُجي گھر جيان.
مان اجايل اجايل سڃي ٿر جيان.

ڪنهن جي وعدن جي مان آسرن ۾ اجان،
بس بيٺو رهيس بر ۾ توهر جيان.

پنهنجي جذبن کي ڇو ڪو نہ روڪي سگهيس؟
نيڻ اٿلي پيا مينهن اوتر جيان.

ڪنهن تہ آئت ڏني طنز جي طور ۾،
هن جي دلجاءِ هئي ڇڻ تہ خنجر جيان.

دل ۾ هن کي ويهاريو بڻائي صنم،
من پنهنجو بڻايو آمندر جيان.

هن سان گڏ جا گذاري حياتي سڃي،
سا بہ گذري وئي هڪڙي منظر جيان.

ياد هن جي جڏهن ٿي اچي "زيب" پئي،
مان پري ٿو پوان ڏرتي بنجر جيان.

ڪيڏو سنسان لڳي ٿو هي شهر شام ڪان پو.
تو ڪٽي جلدي ڪيو بند آدر شام ڪان پو.

موڪلاٽي تو ڪئي سج تہ اجان بيٺو هو،
مون کي ڪائڻ ٿو اچي منهنجوئي گهر شام ڪان پو.

خوبصورت هي نظارا تي نگاهن کي وٺيا،
آهي اکڙين ۾ رهيو سو تہ اثر شام ڪان پو.

هر پکي شام جي ويلا تي وريو واهيري،
پتکندو آهي رهيو کونج ولر شام ڪان پو.

”زيب“ موتي هو اچي، تي بہ سگهي تو ڪڏهن،
اهڙي اميد سان گذري ٿو پهر شام ڪان پو.

هانءِ ۾ هر لفظ تنهنجو جيئن لڳو.
دل جو شيشو تيئن تي پرزا پڳو.

پنڌ نيٽن تنهنجي گهر تائين ڪيو،
رات جو گهڙيال ۾ هڪ هو وڳو.

دل اداسيءَ جي گهيري ۾ آهي وتل،
مرڪ سڪٽي ٿا ڏسو منهن تي رڳو.

پيار جو تحفو تہ ڇا مون کي ڏنئي،
سپ پچن ڪنهن لئہ ڪيئي ڪارو وڳو.

مون نہ سمجهو دوستو آ ڪجهہ اجان،
يار ڇا ڪئون آيلا پيرو پڳو.

”زيب“ جي سرساهہ کي ايندين ستون،
جي ڇڳو تو دلربا سڪ جو سڳو.

ها چئي ڏي تہ مون ساڻ محبت ڪرين ٿي.
چو نہ ماڻهن اڳيان هيءَ حقيقت ڪرين ٿي.

بند ڪمري ۾ ويهي تون پردي پٺيان،
ڪين سامهون اچڻ جي ڪا جرئت ڪرين ٿي.

پنهنجي ڏڪندڙ چپن کي دٻائي چپن ۾،
هي ظاهر بہ پنهنجي تہ چاهت ڪرين ٿي.

ڪند پوتيءَ جي ويڙهي ڇڏئي آڱرن ۾،
ڏادي وڻندڙ پرين هيءَ حرڪت ڪرين ٿي.

هي نگاهون ملائي نگاهون جهڪائڻ،
”زيب“ تي هيءَ ڪيڏي عنايت ڪرين ٿي.

درد آهي ته حوصلو آهي.
ڪجهه ته ان جو مليو صلو آهي.

ڪا به شڪوه گلا نه آ ڪنهن ڪان،
هي ته دنيا جو سلسلو آهي.

هُن وساري ڇڏيو پلا ڇا ٿيو،
پوءِ به منهنجو هو پرجهلو آهي.

منهنجي دل تي ائين پئي ڌڙڪي،
جسم ڄڻ هيءُ کوکلو آهي.

شهر منهنجي ۾ آهي خاموشي،
شهر هن جي ۾ غلغلو آهي.

گرچي ٿووٽ به ڪائي لرزش آ،
ته پو مون وٽ به ولولو آهي.

موت منزل جو خاص آ مقصد،
هر قدم باقي مرحلو آهي.

هو اچي ٿو "زيب" پيو مونڏي،
دل ۾ تڏهن ته ترتلو آهي.

زندگيءَ کي ناڻ ڇا ڏجي.
ءِ خوشيءَ کي ناڻ ڇا ڏجي.

پيار جا سوين سلسلا مرحلا،
دوستيءَ کي ناڻ ڇا ڏجي.

تو پري قبر جي مٿان ڏيئو،
روشنيءَ کي ناڻ ڇا ڏجي.

مرڪ جي آڙ ۾ تالڳن تير،
دشمنيءَ کي ناڻ ڇا ڏجي.

”زيب“ سونهن هڪ احساس آ،
پوانهيءَ کي ناڻ ڇا ڏجي.

ڏيئي ۾ جيئن تيل ٻري ٿو.
جيءُ ٻه تولئه تئين جُهري ٿو.

عشق عقاب پکي آ پيارا،
جسم جو ماس ۽ خون گهري ٿو.

تڙپي روئي هر کو ٿوپر،
ڪوئي ڪنهن لئه ڪو نه مري ٿو.

برف ٿي اس ۾ جيئن پگهر جي،
من ٻه تو لئه ائين ڳري ٿو.

"زيب" ڪيو جيئن ساه آ صدقي،
ائين اڄ ڪلهه ڪير ڪري ٿو.

ماڻهون پيارا محبت وارا.
درد ڏئي ويا اڻ ڪٿ سارا.

گڏجي رهڻ جا وعدا ڪيا جن،
سي ئي ڪري ويا مون کان ڪنارا.

پيار منهنجي جي ڏيندا گواهي،
ماڻهون ته ڇا پر چنڊ ستارا.

رستا راهون ڏسندي ڏسندي،
ٿڪجي پيا هن منهنجا تارا.

محب جڏهن کان منهڙو متي ويو،
ويس ڪيا مون آهن ڪارا.

هيو ته نهيو پر سات ڇڏي ويا،
"زيب" هي گهر جا رستا چارا.

لڀائجي پيارا پر ڪڀور.
او منهنجي من جا مور.

تو سوا او! ساجن سائين،
مان تو وجان وڇور.

تنهنجي يادن ڪيڏا دل تي،
ڪيا هن ڦهر ڪلور.

هيڻو تي ويو حال آ منهنجو،
برهه ڪيو پنيور.

”زيب“ بنايو تو آ مونکي،
توتان تيان مان گهور.

مان پڪي پير جو آهيان تڙ جيان.
مرڪ تنهنجي مٺا آب ڪوثر جيان.

تنهنجي زلفن ۾ الجهي پيس مان پرين،
وار ويڙهي ڇڏيا تو ته پاڪر جيان.

پنهنجي تن من تي تنهنجو نالو لکيم،
آ بڻائي ڇڏي جان ڪاڳر جيان.

هاڪ تنهنجي حسن جي آهه جاءِ تي،
ڇُلڪي ڇُلڪي جواني تي ساگر جيان.

تون اڃين جي تو سوچيان ويهاريان ڪٿي؟
"زيب" تو ڪي ڏئي نيڻ اڳر جيان.

تو جڏهن آئي ڪنهن ٿيءَ جي ويجهڙو،
جڻ ته پهتس زندگيءَ جي ويجهڙو.

آسمان آيو لهي ڄا هيٺ هو،
سج لٿو پڻ جهوپڙيءَ جي ويجهڙو.

هن ڪٽي منهن کي لڪايو شرم کان،
مون ڪيو هن کي ترِيءَ جي ويجهڙو.

رات ڀي ٿڌڙي ۽ ساهن جو هڳاءُ،
ڏينهن هو ته ب ڏرتيءَ جي ويجهڙو.

ظاهري جڻ "زيب" هي سپنو هيو،
هو مليو هو آرسيءَ جي ويجهڙو.

ڇھيندي پي ڪونہ ٿو ڇاھيان.
گيت لکان ٿو شاعر آھيان.

اندر ڪوئي جانچي ڏسي ھي،
واريءَ جا ٿو محل اڏايان.

جيڪو ڪلندي مون ڏي نھاري،
تنھن کي پنھنجو مان ٿو پانيان.

مرڪ ۾ لوڻ ملائي ويٺو،
زخمن لئہ ٿو مرھم ٺاھيان.

جيءُ جھريل آ آڳ ٺي منھنجو،
ڏاھي تنھنکي ڇا مان ڏاھيان.

”زيب“ سُکي آ دنيا ساري،
مان ٿو ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايان.

ويڇڻ ۽ ويڇڻي سوچون حل.
پيار سوا ٻيو ڇا حاصل.

محبت ناهي اڪ جي ماڪي،
راهن ۾ تي پوندين شل.

آءُ ائين هان تون سچ پچ،
قرآنَ بنا جيئن آهي رحل.

هر شيءِ جو ڪو نعم البدل آ،
ليڪن پيار جو پيار بدل.

ماٺ هون آسو ياڳن وارو،
پيار نصيب ٿيو جنهن کي پل،

محبت منجهه حياتي آهي،
آءُ چمڻ ڏي پنهنجو ڳل.

مان تہ گهٽوئي "زيب" لڪايو،
عشق جو ٿيو پر هر جا هُلُ.

نه هي توسان هاڻي سڀ ٿ.
تن کي ڏئي وئين اهڙو تاءُ.

سوچيندي ئي جاڳي پيس مان،
پيو ڪنن تي آ پڙلاءُ.

زخمن تي ڪا مرهم پي رک،
ڏئي نه رڳو وڃ گهرو گهاءُ.

هر هر توکي ڪير چوي ٿو،
مهيني ماسي ڪڏهن ته آءُ.

هوراڪورا آهي اندر ۾،
”زيب“ ڪي تي پيو آسوداءُ.

ڪٿي نيڻ مون ڏي نهاري هليو ويو.
نهاري تہ ڇا هو، ماري هليو ويو.

جيائين اڃان تہ اڃو هائي موٽي.
ڪري هو اشارو ٻيهاري هليو ويو.

گلابن جي خوشبو سندو هو ڪو جهوٽو،
هوا ۾ عنبر هو هاري هليو ويو.

اڃان تائين مان بس خماريو وتان ٿو،
نشو نيڻنهن جو آ پياري هليو ويو.

سندس ياد ڇا هئي هيون ڪتڪتايون!
ڪچي ننڊ منجهاران اٿاري هليو ويو.

ٿيا "زيب" دل جا نہ ارمان پورا،
رڳو منهنڙو دلبر ڏيکاري هليو ويو.

جيئن هيڪر اڱڻ گهمي آيا،
تنهنجي ڪجهه ڏي قدم وري آيا.

پيار سمجهو يا خطا سمجهو،
هٿ تنهنجا مگر چپ چمي آيا،

نيڻ مخمور تم اجان تائين،
سونهن تنهنجي صنم ڏسي آيا.

موڪلايو جڏهن پرين مون کان،
لڙڪ ڪلندي به ها لڙي آيا.

رات سپنا ڪي منهنجي نيڻن ۾،
تنهنجي خوشبوءِ ها کڻي آيا.

غم جا تورڙي هي "زيب" دروازه،
خيال تنهنجا کڻي خوشي آيا.

ترسيو مون وٽ نه هو ڪو پل آهي.
پاند منهنجو تڏهن پنل آهي.

درد چاهي وڃي پڇو ان کان،
يار جنهن کان صفا رنل آهي.

هونءَ ته هٿ ۾ به گل ته سونهين ٿو،
ڪنهن ته تاري منجهان ڇنل آهي.

ويندي ويندي نشان آ ويو ڏئي،
زخم ڪيڏو به هونءَ ڇٽل آهي.

”زيب“ خوشبوءِ منجهان سڃاتو آ
توٽي پردي پٺيان لڪل آهي.

تنهنجي هٿ ۾ گلاب آ، خير اڄ خدا ڪري.
رخ تان هٽيو نقاب آ، خير اڄ خدا ڪري.

تنهنجي اچڻ سان هر جا گل ڦل ٽڙي پيا،
موسم تي لاجواب آ، خير اڄ خدا ڪري،

تنهنجو ڏسي هي جوڀن آرسيءَ بہ هيئن چيو،
واه! واه! ڇا شباب آ، خير اڄ خدا ڪري.

سرڪي پيو جو سيني تان هي ريشمي رئو،
تيو حسن بي حجاب آ، خير اڄ خدا ڪري.

معلوم ناهي "زيب" هيئن راهن ۾ هيڪلو،
ڪيئن نڪتو هي نواب آ، خير اڄ خدا ڪري.

ڪين ٿيون يار جون چپ ادائون رهن.
چپ ٿي چپ ۾ پيون ڇا ته ڇا ٿيون چون.

اوچتو جو متي هو اکيون ٿو کڻي،
ڇا ٻڌايان ته ڪيڏو ڏنگن ٿيون ڏنگن.

عشق جي رمز ڪي هر ڪو ڄاڻي نٿو،
جيڪي ڄاڻن اهي مست مجنون ٿين.

”زيب“ ٿيندو پريشان آهي جڏهن،
تنهنجون چنچل ادائون ٿيون آرس ڀڃن.

مون وٽ تہ منڪين آهي بس اهـ .
چاهت محبت پر ڪر ۽ ٻيو .

مندي گل ۽ تصوير چئو تہ ڏيان مان ،
قبول ڪيو جي ننڍڙا هي تحفا ،

محبت جو ڪهڙو ثبوت ڏجي ٻيو ،
ڇا ڪافي نہ آهن اکين جا هي ڳوڙها .

ترش لفظ تنهنجا ائين ئي لڳن ٿا ،
لڳن ڪچي ۽ پٽ ۾ جيئن يار ڪوڪا .

مٺيو "زيب" ڪاٿي اوهان کان آ منهنڙو ،
اٿارل هي آهن رقيبن جا شوشا .

هڪ شخص جو دل ۾ رهندو هو.
سو مون کي ئي ڪجهه چاهيندو هو.

عيد برات تي ايري ڦيري،
رستي ويندي ملندو هو.

جاڻ سڃاڻ نه ڪا هئي،
بس مرڪي مرڪي ڏسندو هو.

ڳل ته هيو پر صحرا جو،
مينهن پئي ڪڏهن ٽڙندو هو.

"زيب" هيو هو ڪير ڀلا؟
اجنبي پنهنجو لڳندو هو.

تو کان ڪھڙو حجاب پيارا.
جيون ڪليل ڪتاب پيارا.

طرحين سوال اٿن تا،
ذھن تو ڳولي جواب پيارا.

اصلي نقلي ظاھر ٿيندو،
لھندو جڏھين نقاب پيارا.

دل جو گلشن تو کان سوا ھي،
ڪاغذي جيئن گلاب پيارا.

پيار ڏنو سون بي ملھہ توکي،
ڪھڙو تو سان حساب پيارا.

”زيب“ سدائين عشق ۾ سمجھو،
ڏوھہ بہ آھي ثواب پيارا.

اڄ يا سڀاڻي زماني کان وسري وينداسون،
اسين هن دنيا مان جي گذري وينداسون.

هر روز اوهان جا هي ستم سهندي سهندي،
هن ٻحران مان نيٺ نڪري وينداسون.

نگاهون ڪري هيٺ چپ چاپ شهر منجهان،
تي خوشبو هوائن ۾ وکري وينداسون.

حياتيءَ جي راهن ۾ حائل جي ديوارون،
ڪوشش سان آخر سي اکري وينداسون.

سدائين اونداهي نه اٿئي هين هوندي،
ڪنهن چنڊ وانگر ٻه اڀري وينداسون.

افسوس اهو "زيب" دل ۾ ئي رهندو،
تپش ان ۾ تڙپي ۽ پجري وينداسون.

وئي مرڪ ڪاڏي آ تنهنجي چپن تان.
وهن پيو پيا ڳوڙها گلابي ڳلن تان.

نہ آسونهن سرهاڻ ساڳي اوهان وٽ،
حنا جو ويو رنگ ڪاڏي هٿن تان.

صبح جي نہ منهن تي لڳي تازگي تي،
اگهي ماڪ شايد ويو ڪو گلن تان.

رهڻ ڏيو اسان وٽ ڪي پنهنجون نشانيون،
هي تصويرون پيو تا هٽايو پتن تان.

ڪجي "زيب" ويساهہ پلا ڪنهن تي ڪنهن تي،
ڪجي پروسو ويو آ پنهنجي لٽن تان.

وقت جو تار آهي تکو وهڪرو،
پيار پوڄا ڪجي ٿي سگهي جيترو.

چاهه جي ڪَٿَ نہ ڪوئي ڪري آسگهيو،
ملهہ محبت جو آهي ڀلا ڪيترو.

پرت جا مرڪ سان موتي پروئي وٺو،
سونهن خاطر ڪيو سيني کي ويڪرو.

منهنجي منزل اتي آ ٽڪاڻو اتي،
قرب جاتي بہ مون کي ملي ويو ذرو.

موت مهڻو نہ آ مستان جي اڃي،
"زيب" زندگي جو آ مرحلو ايترو.

هڪ يار وڃڻ ويلي احسان ڪرين ها .
هٿ لوڏي خدا حافظ مونکي چوين ها .

چپ کولي ڪٿين يا تون اکڙين جي اشاري سان ،
منهنجو تہ پرين ڪوئي تون حال پڇين ها .

ورنديون نہ منجون تو من منهنجي تہ خطن جون ڪي ،
نفرت سندو ڪو مون ڏي سنيهو ئي منجين ها .

دنيا جون ڇڏيون ريتون رسمون تو وساري ،
پر پنهنجي ڪيل وعدن جو مانُ رکين ها .

هن "زيب" سان هيءَ بي رخي تو ڪي نہ نهي تي ،
دل منهنجي رکڻ خاطر مرڪي تہ ڏسين ها .

ڇڏهن هٿ ۾ ورتو مون تنهنجي هٿن کي.
محسوس ٿيو ڄڻ مون ڇهيو آ گلن کي.

تنهنجي مک جو ناهي ڪوئي مقابل،
پلي آزمائن آ موڪل سين کي.

هٿائڻ سان نيڻ هي ڪاٽي هٿن تا،
پليان ڪيئن پيارا مان پنهنجي اکين کي.

ڪوئي پلا هوش ۾ ڪيئن رهندو،
ڏسي سامهون تنهنجي گلابي ڳلن کي.

هي موتيو چنبيلي ۽ رابيل مکڙيون،
چوان "زيب" ڇاڇا مان تنهنجي چپن کي.

مرڪي پيو هو مون ڏي ڏسي هڪ ماڻهو اجنبي.
ڪلندي ڪسي ويو دلڙي هڪ ماڻهو اجنبي.

ڪيئن وساريان منظر وسري نٿو سگهي،
من کي ڏئي ويو اهڙي خوشي هڪ ماڻهو اجنبي.

بي چين دل کي اچي ڪيئن آٿت اچان،
ڏيکاري منهڙو ويو هو لڪي هڪ ماڻهو اجنبي.

هلندي هلندي راهه ۾ هو مليو هو اوچتو،
جهٽ پٽ ڪري ويو دوستي هڪ ماڻهو اجنبي.

پهرين نظر ۾ هو پنهنجو ويو مون کي ڪري،
"زيب" بڻيو هو زندگي هڪ ماڻهو اجنبي.

جڏهن کان تنهنجي ادائن جو شڪار ٿي ويو هان.
جڏهن کان تنهنجي ادائن جو شڪار ٿي ويو هان.
جڻ تہ زندگيءَ مان ئي بيزار ٿي ويو هان.

سڀ چون تہ هاڻي نہ رهيو آهين ڪم جو،
بس مان تہ ڪم ڪار کان بيڪار ٿي ويو هان.

ڏوهہ پيو تہ ڪونهي ڪو رڳو تمنا پيار جي ڪئي،
بي سبب ائين بي خطا گنهگار ٿي ويو هان.

رقيبن بہ ڪيون ٺٺوليون مون کي ڏسي اڪيلو،
هر ڪنهن کي مليو موقعو جو تو کان ڌار ٿي ويو هان.

اگ تہ برابر لکل هوس "زيب" مان زماني ۾،
عشق تنهنجي کان پو مگر آشڪار ٿي ويو هان.

گهڙي ڪا بہ جڏهن پرين پاس ڪونهي.
لڳي ٿو هـڏن ٿي جڙ ماس ڪونهي.

ڪري هر ڪو حاصل ٿو محنت سان روزي،
ڪنهن کي اچلي ڏيندو تہ آڪاس ڪونهي.

ڪجي ڪنهن سان محبت هي سوچيندو آهيان،
مگر پيار مونکي ٿيندو راس ڪونهي.

تڏهن اٿلي وهن واهہ شاخون،
جو ورهين کان ورتو ڪنهن تاس ڪونهي.

ڪهي ڪيڏو آيس پرين ڏور ڪان پر،
ذري پر بہ تو کي ڪو احساس ڪونهي.

چميو تو نہ شايد اڄ آگلن کي!
تڏهن ڪنهن بہ گل ۾ ڪوئي واس ڪونهي.

چڏيو "زيب" تو تان هي سر ساه گهوري،
مگر پو بہ تو کي چو وشواس ڪونهي.

سوچيو نہ هو ڪو تنهنجي هن اوطاق تي اچڻو پوندو.
تو ڪان سواءِ ڪو تنهنجي ئي من تاڪ تي اچڻو پوندو.

تاندن تي هيئن هلندي هلندي عادت پئجي وئي هئي،
ڪڏهن وساڻل ڪوئلن جي ڇا خاڪ تي اچڻو پوندو.

ساري عمر ڪنهن يار اسان تي آگرئي نہ ڪنئي هئي،
ڇا خبر تہ الزام اچي پوشاڪ تي اچڻو پوندو.

روڪي سگهين جي روڪ رڳو پنهنجي قدمن کي،
پونئر کي باقي پيرو ڪرڻ لئہ ماڪ تي اچڻو پوندو.

عالم ارواح کان تيو سڏ آ جنهن بہ روح کي يارو،
تنهن کي هڪدم روئي ڪلي متي پاڪ تي اچڻو پوندو.

اسان تہ تنهنجي در تي اچي اچي سوچيو بہ نہ هو تہ،
نالو جڳ ۾ "زيب" جو ڪو رولاڪ تي اچڻو پوندو.

سمجھوتو ڪر خموش رهه حالات کي ڏس.
مونکي نه ڏس ڳوڙهن جي برسات کي ڏس.

چند پي آهي ته پٿرين تارين جو،
ساري جي هن انڌاري رات کي ڏس.

يارن کي چوايڏو تون هيئن مارين تو،
ڪيڏو تڙپي تي تون ماءُ جي جذبات کي ڏس.

کهڙو ڏوهه ڏيان مان هن ديس دروهن کي.
ڪم ظرف کي ڏس ڪمذات کي ڏس.

هي درد به ويندو زخم به ڇٽندو نيٺ ڪڏهن،
تون پيار جي حاصل فتح ڪرنه کي مات کي ڏس.

تون "زيب" نه ڏس هن مهٽن کي ۽ ماٺهن کي،
تون پنهنجي ڏاڻ کي ڏس ۽ ذات کي ڏس.

زندگي آڏچو،
هر گهڙي آڏچو.

پيار ڪنهن سان ڪجي،
عاشقي آڏچو.

مُرڪ هن جي مٺي،
بي رُخي آڏچو.

هر قدم پل صراطي،
شاعري آڏچو.

پل پهر "زيب" ناهي،
روز هي آڏچو.

زندگي صحرا بڻجي وئي آ،
هر خوشي صحرا بڻجي وئي آ.

چند چمڪيو موهن متان،
چاندوڪي صحرا بڻجي وئي آ.

ريت جان وڪريس هوا ۾،
دل لڳي صحرا بڻجي وئي آ.

تنهنجي قدمن کان سواءِ ٿي،
هر ڳلي صحرا بڻجي وئي آ.

"زيب" گل ويا سڪي پيار جا سڀ،
دوستي صحرا بڻجي وئي آ.

هي جي زلف ڪارا سنواري ڇڏيا تي.
جڻ واسينگ ڪني ويهاري ڇڏيا تي.

جنهن به گهٽيءَ مان گذرين تو جڏهن،
ڪري مست ماڻهون بيهاري ڇڏيا تي.

قدم جتي رکندو وڃي تو تون جاني،
لکين ديپ جڻ ڪي ٻاري ڇڏيا تي.

پوان چو نه چنبڙي چرين وانگي توکي،
مئل منهنجا جذبا جياري ڇڏيا تي.

ائين تهڪ تنهنجا تا گونجن هوا ۾،
هنجَ مورَ ڪيئي اڏاري ڇڏيا تي.

پنهنجو نانءُ منهنجي هٿن تي لکيو تو،
هي ٻئي هٿ منهنجا سينگاري ڇڏيا تي.

وساري نه سگهندو ڪڏهن "زيب" توکي،
پڪا نقش دل تي اتاري ڇڏيا تي.

وار ڪوني پريس اٿين نه ايندا ڪيو.
يا ته سا مهون منهنجي ڪين ٽيندا ڪيو:

هيئن سر عام محفل ۾ سينگار جي،
آهي بهتر ته هيڪل نه ويندا ڪيو.

چنڊ پي تئي لجي تو اوهان کي ڏسي،
چنڊ کي ڏک اهڙا نه ڏيندا ڪيو.

مست پنورا اوهان جي متان ٿا ٿڙن،
ڪين تن کي اچڻ کان جهليندا ڪيو.

"زيب" پي پاڻ کي آهي ڏاڍو پليو،
ڪجهه اوهان پي ته دل کي پليندا ڪيو.

ڳوڙهه اکين مان هارين تو ڇا لئه.
ياد ۾ ڏينڙا پارين تو ڇا لئه.

ڇرڪ پرين تو ۽ ٽهڪ ڏئين تو،
هر هر ڳلنيءَ ۾ نهارين تو ڇا لئه.

ٿڌڙا سڏڪا دانهون آهون،
برهه جون ٻاهيون پارين تو ڇا لئه.

ڪنهن کي تو سارين صبح ۽ سانجهي،
جيرا جگر هي ڳارين تو ڇا لئه.

مهل جا ويٺي هٿن مان هلي آ،
”زيب“ کي هاڻي سارين تو ڇا لئه.

تو تائين پهچڻ لئه ڪيڏا جتن ڪيا .
مون تنهنجي ڏسڻ لئه ڪيڏا جتن ڪيا .

ڪنهن ڪنهن سان مان نه وڙهيس؟
تنهنجي ئي پسڻ لئه ڪيڏا جتن ڪيا .

ورهين کان هوس آءُ سڪايل ،
مان هتڙا چمڻ لئه ڪيڏا جتن ڪيا .

ياد اٿئي تو عمر هي ساري ،
مون کان لڪڻ لئه ڪيڏا جتن ڪيا .

زندگي جو هر پل "زيب" ڏنئي ،
تو سان ملڻ لئه ڪيڏا جتن ڪيا .

پري سان سلامن تي پهرو لڳل آ.
اکين جي اشارن تي پهرو لڳل آ.

سنڌ ۾ رخيءَ جي به مان ڳالهه ڪيان ها،
منا منهنجي چپڙن تي پهرو لڳل آ.

وچن واعدن جون به ڳالهيون ڪجن پر،
سڄڻ سوچ وعدن تي پهرو لڳل آ.

ڏسڻ تو مان چاهيان هو چهرو گلابي،
مگر خواب اکڙي تي پهرو لڳل آ.

روئي حال اوريان نه اوري سگهان تو،
پرين پنهنجن لڙڪن تي پهرو لڳل آ.

ڪيان "زيب" اظهار چاهت جو ڪيئن مان،
سمورن طريقن تي پهرو لڳل آ.

دل جي ڏڙڪن وئي آ وڌي.
پل به مون کان پري تون نه ٿي.

نڪري سيني مان دل هيءَ پوندي،
تو جي مون کان ڪئي ڪا وٿي.

جي تون کان نيڻ ڪيان مان پري،
تيان ڪافر مان عمر پو سجي.

ويجهو منهنجي اچي وَيهه تون،
ڏس سيني تي هٿڙو رکي.

”زيب“ مقدر ۾ هئين تون لکيل،
دل تڏهن منهنجي تو سان لڳي.

چاهـ جي چٽـگ تـون وئـين جا رکـي.
دکـي جا ٻـري آ تـري ئـي نـه تـي.

تـون تـه مـحـلـن ۾ خوش رهـين تـو مـگـر،
سـج مـنـهـنجي کـري وئـين تـون جهـڳي.

اوسيـئـڙو هـر پـل آ تـنـهـنـجو پـريـن،
هـر کـڙکـي تـي مـان ويـهـان تـو اتـي.

لـڙک بـي حـسـاب مـنـهـنـجا آهـن کـريـا،
اک نـه مـنـهـنـجي کـڏهـن اڃي تـو اگـهي.

لـوڻ ٻـرکـي وئـين تـون ڦـٽـن تـي هـلـيـو،
"زيـب" ويـتـر زخم ويـا آهـن وڌي.

ڪنهن جي پاڳ سان ريس ناهي.
پلي ڪنهن کي ڪوئي به چاهي.

جنهن جي جنهن سان راهه رسم آ،
اهو ايندو ان ڏي ڪاهي،

ڪنهن کي پيار جو آهي ملندو،
ويندو دنيا جو ڏس ڇاهي،

آس اميدن تي ڏس ڪوئي،
وينو واريءَ جا گهر ناهي.

تيندين عشق کي اکيون ناهن،
ائين ڪنهن تي چيو آ ڏاهي،

"زيب" گهري نه آونبي محبت،
هيءَ ته پاڻهي تيندي آهي.

تنھنجي مرڪڻ جو ٻي آهي اوجاڻي جواب.
لڳي ٿو اجهو جڻ ڪو ٽڙيو گلاب.

چنڊ ڪي ٻه وڻي جڻ گرهڻ لڳي،
رخ تان جڏهن ٻه ٿو هٽايو نقاب.

اوهان جي ئي صورت آ سامهون رهي،
جڏهن ٻه مون کوليو ڪو آهي ڪتاب.

سوا تنهنجي نا هي رهيو هوش ڪو،
پياريو اکين سان تو اهڙو شراب.

جڏهن ”زيب“ کولي تو زلفن کي هو،
ڪڪرن ۾ وڃي تو لڪي ماهتاب.

ڪونه آ توکي وسريو يار دلبر مون اڃان
پيار جي عيوض ڀلي ڏي درد دل کي تون نوان،

منهنجي الفت کي مٺا تو ڪين آ سمجهي سگهيو،
منهنجو بس روئڻ ٿيو بيڪار آ تنهنجي اڳيان.

عمر ڀر ناتي نڀائڻ جا ڪيئي ڪيڏا وچن،
پل ۾ وئين پيارا ڦري تون پنهنجي ئي قول کان،

ماڻهن اجنبين پي ڪين هيئن ڪنهن سان ڪيو،
جيءُ منهنجو هو جڙيل يار تنهنجي جيءَ سان،

”زيب“ زخمن کي لڪائڻ جي ڪئي ڪوشش گهڻي،
پر ڳڙي ڳوڙها پيا منهنجي هي نيڻن منجهان.

تو سان الفت منهنجي آهي ساڳي اها.
تنهنجي چاهت اها ڪين چاهت رهي.

لوڪ ڪان جي ڪٿي مان لڪايان ڀي پر،
هي حقيقت نه هاڻي حقيقت رهي.

مان ته چيڙا پرين تنهنجا اڄ ڀي چمان،
پر نه پوڄا منهنجي آ عبادت رهي.

سنڌ جي آ رسم مرڪي ڳلڙي ملڻ،
هاءِ ليڪن نه سا اڄ ثقافت رهي.

"زيب" اڳ ۾ ڏنو جيئن تو ڪي هيو،
يار تنهنجي هينئر سا نه حالت رهي.

محبت وارا ماڻهو هليا ويا .
منڙا موچارا ماڻهو هليا ويا .

روز ها جيڪي قرب ونديندا ،
سي جيءُ جيارا ماڻهو هليا ويا .

ڪير لهي اڄ سار اسان جي ،
ساهه سهارا ماڻهو هليا ويا .

ڪوڙ ۽ ڏوکي جي هي دنيا ،
صاف سچارا ماڻهو هليا ويا .

ڪيئن نه اسان جي "زيب" اکين کان ،
پيارا پيارا ماڻهون هليا ويا .

آڌيءَ ويل اتي مون جان تو بنا ڇيو هوندو.
ڏس تارن کان منهنجو تو روئي پڇيو هوندو.

پنهنجي دل تي هٿ رک تون ڪيئن تيز پئي ڌڙڪي،
منهنجو ڏينهن به ائين تو بن دلدار ڪٽيو هوندو.

چانڊوڪين ۾ ملڻ جا ها ڪيا پاڻ پرين واعدا،
مايوس ڏسي ليڪن خود چنڊ به لڪيو هوندو.

ويا ڪل ويا ڪل هت يار گذاريان ٿو،
هن حال منهنجي جو پتو تو کي به پيو هوندو.

هيئن وار ڪليل ۾ پيو روئيندي "زيب" ڪي من،
ڏسي خواب ۾ ائين مون ڪي تو ڇرڪ پريو هوندو.

روز پيئي تن نوان سور ۽ صدما ڏيو.
ان کان آهي سنو يا تہ ماري ڇڏيو.

روز تو کي پرين مان پرچائي تڪس،
پياري زهر چکو يا تہ ماري ڇڏيو.

مان تہ هر هر پيو تو جيئان ۽ مران،
ان کان بهتر يکو يا تہ ماري ڇڏيو.

ڳالهہ توريءَ کري ڪالهہ پي ڪاوڙين،
ڏئي ڌڪو هر ڏکو يا تہ ماري ڇڏيو.

”زيب“ سان زندگي ڀر نڀائڻ سندو،
واعدو ڪريو پڪو يا تہ ماري ڇڏيو.

هلي آءُ سامهون ڪيون فيصلا.
مگر ناهي پريت ڪبي ڪا گلا.

اجايو نہ رسجي پرين سمجهہ رک،
نہ ٿوري گهٽي تي ڪجن فاصلا.

ڀلا ڇو ٻڌايون غيرن کي ڳالهيون،
ڪيون پاڻ ويهي ختم معاملا.

حياتي آجيسين تہ هلندا هي رهندا،
سدا ”زيب“ قربن سندا قافلا.

پنهنجي هٿن سان ڏني ڪارو ڪفن.
محبوب ڪجان مون کي در تي دفن.

منهنجي مٽي آباد ڪجانءِ پو،
منهنجو اجڙيل يار چمن.

لکجانءِ ڪين تون ڪتبي تي ڪجھ،
منهنجو نانءُ ۽ منهنجو وطن.

جيئري ته مون کان ڇڳل رهين،
مرڻ پڄاڻان نيهن نه ڇن.

"زيب" جي دل تي اڪري ڇڏجانءِ،
منهنجي وصيت پنهنجو وچن.

تو جو مرڪي نيڻ ڪنيا ها .
افواهن جا مينهن وسيا ها .

اڀ ۾ ٽمڪيا روشن تارا ،
ڌرتيءَ تي رابيل ٽڙيا ها .

تنهنجي گهر ڏي ايندي مونکي ،
سا ييائن ها سات مليا ها .

محفل ۾ جو نانءُ ڪنيو هو ،
چوڌاري چڻ اگر ٻريا ها .

شيشي جو گهر جيون پنهنجو ،
هر ڪنهن بيني پٿر هنيا ها .

مرڪ اوهان جي خوشبو خوشبو ،
واچوڙن ۾ ويس متيا ها .

ملبو رهبو "زيب" سدائين ،
ڪيڏا لفظ چٽا تو چيا ها .

سور دل کي ڏئي جو وئين دلربا .
ڪو نہ پوئواري پو ڪيئي بي وفا .

مون تہ سمجهو هيو نڀائيندين يڪو،
راهہ ۾ رولي وئين پر رهنما .

تنهنجي خاطر سڄڻ سور مان سهندو رهيس،
جان پنهنجي تي سوين مون صدما ستا ،

تنهنجي واعدن تي ڪيو مون پروسو،
ڪين ليڪن تو ڪيا واعدا وفا .

ڏوهہ منهنجو ڪٿي ڪر ظاهر پرين.
”زيب“ ڪان ڏس پئي آ ڪهڙي خطا .

حجاب ۾ آ حسين چهرو.
نگاهه تي پئي لڳل آ پهرو.

حنا جي خوشبو هٿن مان آئي،
لبن تي سرخي جو رنگ گهرو.

نه حال دل جي ڪري سگهون ٿا،
مگر هي موقعو ته آسُنهرو.

پرم وفا جو ته "زيب" رکبو،
نه پيار ۾ آ ٿبو اپهرو.

پنهنجي زلفن کي ٿورو هٽايو پرين.
چو ٿا منهڙو لڪائي لڪايو پرين.

وار واسيل تہ ڪيڏا وجهن ونگ ٿا،
دل گهري ٿي تہ هر هر ونگايو پرين.

ڇا تہ آهن نگاهون ادائون وري،
صبح سان شام ٿا ڇڻ ملايو پرين.

شرم کان رخ تي لالي اچي ٿي وڃي،
تيئن مون کي وڻون ٿا سوايو پرين.

ڏن دولت ڪڏهن "زيب" ناهن گهريا،
منهنجي سامهون رڳو مسڪرايو پرين.

ڪي لڙڪ اکين مان لڙيا پيي تہ هوندئي.
ٽڏا ساهہ سڏڪا پريا پيي تہ هوندئي.

ڪنهن رهيگر ڪان منهنجي گهر ۾ گهٽيءَ جا،
پتا پار پيارا پڇا پيي تہ هوندئي.

گهٽيون ڳالهيون دل ۾ ڇڏيون توبہ روڪي،
چوڻ لئہ چپڙا چُريا پيي تہ هوندئي.

پتو تو ڪي پنجي جڏهن "زيب" جو ويو،
قدم پو اچڻ لئہ سُريا پيي تہ هوندئي.

سمنڊ وانگي اٿليا جذبا.
ٻٽجي جوش هي جاڳيا جذبا.

آلا ڳِلَ ۽ ساهه کي سڏڪا،
توکي ڏسندي مرڪيا جذبا.

ڪڪرويا تارن کي لٽيندا،
ڪنوڻ ڪنوين ائين پڙڪيا جذبا.

ڪل خوشيءَ سان پيار ورهايون،
سڀ لئه پنهنجا ساڳيا جذبا.

توکي پي تہ خبر ئي هوندي،
تو لئه ڪيئن ها تڙ پيا جذبا.

من جي ڪيت ۾ "زيب" جي پوکيا،
سنگ سنگ ٻٽجي نسريا جذبا.

رات جو دروازو کـــــڙکـــــيــــو.
ســانــت ۾ کــو هــاســو کــڙکــيــو.

رڃ شــهــر مــاحــول ســجو،
پــر ۾ کــوئــي پــاســو کــڙکــيــو.

تــاري تــاري پــنــڇي پــولــي،
مــاريءَ هــٿ ۾ داســو کــڙکــيــو.

گــهــگــهــ انــڌيــرو پــار بــکــايــل
پــاڙي ۾ کــو ٻــاٺــو کــڙکــيــو.

تــارازي ۾ ســيــر ســمــايــا،
پــڙ ۾ نــنــڍڙو مــاســو کــڙکــيــو.

کــيــئــن ٻــڌايــان دل جي ڌک ڌک،
هــوءَ پــڇي ٿــي ڇا هــو کــڙکــيــو.

تــي پــرزا پــرزا "زيــب" ڪــريــو پــر،
هــن جي آڏو کــائــو کــڙکــيــو.

ويندي ويندي منا ماڻهون ڏک نہ ڏيو.
گهڙي ڪن تہ ڪلي سيني ساڻ گڏيو.

تون تہ وئين ناتا سڀ ٽوڙي مون کان،
تنهنجي يادن ياڪر ۾ پيڪوڙي ڇڏيو.

مون تہ ڏار توکان پنهنجي جاڻ ڪرائي،
مون کي ماڻهن پوءِ بہ تنهنجو آهي سڏيو.

پنهنجون نشانيون هي منديون ڇلا ۽ هار،
واپس وٺو پو پيلي هتان يار لڏيو.

”زيب“ سوا تنهنجي پيلا ڪيئن ڪندو،
تو تہ منهنجي دل ۾ آهي ديرو اڏيو.

چاندو ڪين ۾ پنهنجو ملڻ تي ويو معجزو.
گڏجي هلڻ ۽ ويجهو ويهڻ تي ويو معجزو.

مون سمجهو تنهنجو ملڻ آهي رسمي،
پر منهنجو سڏڻ ۽ تنهنجو اچڻ تي ويو معجزو.

ٻہ دليون ملن ٿيون قسمت سان ڪي ڪي،
محب مڪڻ ۽ سهڻو سڄڻ تي ويو معجزو.

"زيب" پنهنجي ڀاڳن تي اڄ مون ڪي خوشي آ،
منهنجو اڱڻ ۽ هن جو هجڻ تي ويو معجزو.

ڏٺو خوش تو آهي پنهنجي نظر ۾.
آهن جِهير ڪيڏا منهنجي اندر ۾.

ڏسي هٿ نه هٿ ڪي آ ڪمري ۾ اونده،
پيو چنڊ چمڪي مگر تو پڌر ۾.

ڏين ٿا هي ٻانگون ڪڪڙ ڪڏهن لاڪون،
اڃان دير آهي صبح ۽ سحر ۾.

ڪٿي ديد دلبر ڏنئي جيئن مونڏي،
ڪناري تي پهتس لڙهندو لهر ۾.

ڪئي آهي سُسُ پُسِ وٽن پئي وٽن سان،
خاموشي آ ڪيڏي دل جي شهر ۾.

پرين جو پياري ويو آن هٿن سان،
اڃان ”زيب“ آهيون انهيءَ ئي اثر ۾.

رات مليا سون سپنن ۾.
گل ٽڙيا ها اکڙين ۾.

سونهن بکي ٿي ديوارن مان،
حسن لکي ڪيئن پردن ۾.

مند خوشيءَ جي ڏينهن ٻه ٿي آ،
عمر ٿي گذري سورن ۾.

تون ته مرڪين موتي ڪرن ٿا،
لعل اسان جا لڙڪن ۾.

اڳ پنهنجو يار سنواريو،
نيڻ وڇايا رستن ۾.

"زيب" مليو آ زهر اسان کي،
آشائن جي نيٽن ۾.

موت جي انتظار ۾ آ زندگي.
ڪوريئڙي جي جار ۾ آزندگي.

ماحول آ درياءَ جي لهرن جيان،
هر گهڙي ٻڏتار ۾ آزندگي.

اڄ پتن تي مور تو دانهون ڪري،
ترجيان ڏڪار ۾ آزندگي.

ڪي تہ سنگدل پياتا نيٽن سان کُهَن،
ڪنهن جي جڙ نهار ۾ آزندگي.

سچ حياتي نئين ملي مونکي وجي،
جو تنهن جي ديدار ۾ آزندگي.

شڪر آهي ”زيب“ جو تنهنجي وري،
سونهن ۽ سهڪار ۾ آزندگي.

ڪو تہ اسان ٻن کي ويڙهائڻ وارو.
پنهنجي رازن تان پردو هٽائڻ وارو.

يا ڪو منهنجو يا تہ تنهنجو آويجهڙو ماڻهون،
پنهنجون ڳالهيون هي ٻڌيون ٻين کي ٻڌائڻ وارو.

ڪير ڪنهن جو بہ سڄڻ ڪونهي ڪجان خيال پرين
آهي هر ڪوئي ٺلهي ياري ملهائڻ وارو

تون بہ مون لئہ چريو هئين مان بہ تو لئہ پاڳل،
ڇا تہ بيدرد ڪري ڪم ويو ڦٽائڻ وارو.

سڀ ڪو پنهنجو تو ڪري پورو پرين مطلب،
هر وفادار نہ آ دوست سڏائڻ وارو.

"زيب" ڪيڏو تہ هيو تو کي سمجهايو مگر،
پوءِ بہ تنهنجو هو رويو ساڳيو ستائڻ وارو.

جيئن اڱڻ تي تو سنواريا وار تي.
مون دريءَ مان خوب ڪيا ديدار تي.

ڇا ته موسم پئي جهڙالي هئي متا،
چوءَ طرف ڪنوڻين ڪيا چمڪار تي.

ڪيتري زلفن مان خوشبو ٿي اچي،
جنهن ڪيا چوءَ ڦير پڻ هبڪار تي.

عيد ڪان وڌ "زيب" آ خوش اڄ ٿيو،
تو جڏهن جاني ڪئي ڪيڪار تي.

جهڙا گـل گـلابـي، تـهڙا ڳل گـلابـي،
مان ڇا سمجهان.

وار واسينگا، پرؤون پئنرا،
چهرو ڏاڙهون، لب عنابي.
مان ڇا سمجهان.

حسن ۾ هيبت، ديد ۾ دهشت،
مرڪ ۾ جادو، چال شرابي.
مان ڇا سمجهان.

"زيب" زمانو ڀـهـروپـي آ،
ويس فقيري، ناز نوابي.
مان ڇا سمجهان.

ڪجلي اکڙين جي، نا سي نيڻن جي.
کهڙي ڳالهه ڪيان!

تنهنجي گهر ڏي تا اچن،
رودڙن رستن جي.
کهڙي ڳالهه ڪيان!

رات سموري سار ۾،
ساجن سپنن جي.
کهڙي ڳالهه ڪيان!

توکان ڏور گذاريم جي،
انهن لمحن جي.
کهڙي ڳالهه ڪيان!

”زيب“ ڏي ايندو آن پرين،
قربن قدمن جي.
کهڙي ڳالهه ڪيان!

ستارن سيع وچاني، آڪاش جي جهولي ۾.
چنڊ چمڪي پيو.

پهتي جيئن ڪپر تي، مهراڻ جي چولي ۾.
چنڊ چمڪي پيو.

چؤطرف خوشيون، رنگن هولي ۽ ۾.
چنڊ چمڪي پيو.

آزادي ۽ جا هوڪرا، گولي گولي ۽ ۾.
چنڊ چمڪي پيو.

روئي ماني ۽ لاءِ تو، ٻاتي ٻولي ۽ ۾.
چنڊ چمڪي پيو.

ياگ منهنجا ڏسو، دامن چولي ۽ ۾.
چنڊ چمڪي پيو.

سُولي ۽ سامهون رات جو، ڪولي ۽ ڪولي ۽ ۾.
چنڊ چمڪي پيو.

هو ته ڏس ڪيئن "زيب"، چڱل ڪتولي ۽ ۾.
چنڊ چمڪي پيو.

جهڙا گل گلابي، تهڙا ٻگل گلابي،
مان ڇا سمجهان.

مسجد مندر ماٿهو ساڳيو،
ڪير گناهي ڪير ثوابي.

سچل وانگي سچ ئي چاٿان،
ڇا جي غريبي ڇا جي نوابي.

مون لاءِ مقدس ٻئي آهن،
زاهد آيا آهي شرابي.

منهنجو موضوع پيار محبت،
عشق خطاب ۽ پيار خطابي.

ڳالهيون گهٽيون مقصد هڪڙو،
"زيب" آ نوري "زيب" ترابي.

اڪ نہ لڳي ڪ منهنجي، هہ باهہ جا پڙڪا.

رات سموري.

هوءَ تہ هلي وئي ليڪن نيڻ پئي برسيا.

رات سموري.

باهہ اجهامي وئي ڪوئلا تي ٻريا.

رات سموري.

سج لٿي کان پوءِ هي تارا ٽمڪيا.

رات سموري.

برسات آئي وئي پر منهہ تي ٽميا.

رات سموري.

شمع بنا پروانہ تڙپيا ڦٿڪيا.

رات سموري.

هن جو نانءُ ڪٿندي "زيب" چپ تي ٿڙڪيا.

رات سموري.

هيج پريو هي هانءِ، تو سوا سڏڪن ۾.
جاني آهيان آءٌ، تو سوا سڏڪن ۾.

اندر مان چلڪي پيو، دلبر دل جو تانءِ.
تو سواءِ سڏڪن ۾.

ننڊ هجان يا جاڳ ۾، تنهنجو ڪٽان ٿو نانءُ
تو سواءِ سڏڪن ۾

مرڪڻ جو مونکي متا، ڪونهي ايندو ڏانءُ
تو سواءِ سڏڪن ۾

"زيب" جدائيءَ ۾ رڳو، ويتو اڏاري ڪانءُ.
تو سواءِ سڏڪن ۾.

سڀني جون آليون اکيون، نيڻ تنهنجي پنل.
موکلائڻ مهل، موکلائڻ مهل.

چپ نه منهن جا چريا، ڪجهه نه تو پي ڪڇيو.
بُتُ هئا سين بٽيل.

رات ڪيئن وئي ڪٽي، باک ڪيئن وئي ڦٽي.
ڪا پئي ڪانه ڪل.

وار تنهنجا سنواري، ڪين سگهيس مان.
پئي هئاسين منجهيل.

توبه رخسار تان، لڙڪ ڪيا تي پري.
پئي اگهيا "زيب" ڳل.
موکلائڻ مهل،
موکلائڻ مهل.

سهڻل سائين ڪر اچڻ وايون الا . . .
ڳنڍيءَ ڪيو آپاڌ الا ، نڪري ويندو ساهه الا . .

دردن منهنجي دل ڪئي،
ڳاهي ڪيو آڳاهه الا . . .

آءُ اگڻ منهنجا پرين،
سهڻل ڪر تون ڳاهه الا . . .

جلي پئي دنيا پلي،
ناهي ڪا پرواهه الا . . .

من اندر تي پئي پري،
برهه سندي باهه الا . . .

"زيب" جو توسان سر لڳي،
جاڻي پاڪ الله الا . . .

خون جي قطري قطري سان مون تولاءِ گيت لکيو آ .
تو ڪيئن پان پليو آ .

اندر جي اونهائي مان تو اوچتو اٿل ڪا ڏي ،
مَنُ ڇولين منجهه ڇليو آ .

تنهائي ۾ ويهي ويهي جيءَ ۾ پاتم جهاتي ،
هڪ ڏندلو عڪس مليو آ .

تنهنجي گهر ڏي ايندي ڪو راه مسافر ،
پنهنجي راهه پليو آ .

تو ڪي يار خبر آ ڪهڙي آخر تنهنجي خاطر ،
ڪيڏو "زيب" رليو آ .

چانڊوڪين ۾ يار مليا سون،
رڳ رڳ ۾ رابيل ٽڙي پيا .

ڳراٽڙيون پائي پاڻ گڏيا سون،
رڳ رڳ ۾ رابيل ٽڙي پيا .

سالن کان وٺي سڪ هئي تنهنجي،
راهه ويندي جو يار رليا سون،
رڳ رڳ ۾ رابيل ٽڙي پيا .

قدمن ۾ ڌرتيءَ تي پيارا،
وڇائي پنهنجا نيڻ ڇڏيا سون،
رڳ رڳ ۾ رابيل ٽڙي پيا .

دل ۾ سانديل ها جي هزارين،
سي سيئي احوال ڪيا سون،
رڳ رڳ ۾ رابيل ٽڙي پيا .

مهٽا مياروں هڪ ٻئي کي ڏئي،
”زيب“ وري اڄ پاڻ پرتا سون،
رڳ رڳ ۾ رابيل ٽڙي پيا .

منڙين ڳالهين تي،
تنهنجي گوڙن تي.
مون کي ننڊ اچي وئي.

سات ڏنو تو پيار جو،
ڏنگڙن رستن تي.
مون کي ننڊ اچي وئي.

درد اجايل آس آ،
خالي مرڪن تي.
مون کي ننڊ اچي وئي.

تنهنجي قدمن جا نشان،
دل جي راهن تي.
مون کي ننڊ اچي وئي.

آءُ تہ تنهنجي آسري،
سهڻا واعدن تي.
مون کي ننڊ اچي وئي.

جيئن نهاريئہ ”زيب“ ڏي،
تيئن پلڪن تي.
مون کي ننڊ اچي وئي.

سونهن تنهنجي سچڻ آءُ ڏوئي پيان.
وس پڇي، جي منهنجو وس پڇي.

مان مندي هاريا واچ وانگي پرين،
تنهنجي ٻگل ياوري مان هٿ ۾ هجان،
وس پڇي، جي منهنجو وس پڇي.

يا تہ سپنو تيان يا تہ سرمو وري،
ڪنهن طرح تنهنجي اکڙين ۾ پيارا پوان،
وس پڇي، جي منهنجو وس پڇي.

ڏار توکان تيان دل چوي ٿي نٿي،
چو نہ پاڇو مان ٿي توسان گڏجي هلان،
وس پڇي، جي منهنجو وس پڇي.

"زيب" کي يا تہ تون پاءِ زيور ڪري،
ڪجهہ ٿهي تون پوين ڪجهہ تہ مان بي ٿهان،
وس پڇي جي منهنجو وس پڇي.

ماڪ تنهنجو بدن زلف تنهنجا ڪڪر،
او سانوري او سانوري.

موهجي آ پيو توتي سارو شهر،
او سانوري او سانوري.

هر ادا زندگي جي آهي تو ۾ پريل،
سڀ ڪي گهايل ڪيو تنهنجي قاتل نظر.
او سانوري او سانوري.

پيار جي ماٽري سونهن جي مالڪا،
سنڌؤ جي تون آهين بي قابو لهر.
او سانوري او سانوري.

جنهن به توکي ڏٺو دل ڦرائي ويٺو،
”زيب“ تي به پيو آهي اثر.
او سانوري او سانوري.

تـــون بـــــ مـــــون كـــــي چاهـــين تـــو،
مان سمجهان ٿو.

نـــ تـــ كيــر ڏسي تــو كنـهـن ڏي،
اِئـــين مـــركـــي مـــشـــكـــي،
نَــيـــڻ كــٽــي جو جهـــكـــائـــين تـــو.
مان سمجهان ٿو.

پـــر مـــان ايـــنــدي ويـــنــدي هـــر هـــر،
وك وك تـــــي بـــيـــهـــي،
پـــوئـــتـــي كـــنـــڌ ورائـــين تـــو.
مان سمجهان ٿو.

مـــان جي نـــاهـــيـــان مـنـهـنـجي پـريـت،
هـــن هـــن كـــان پـــيـــارا،
مـــنـــهـــنــجي نـــانءُ پـــچـائـــين تـــو.
مان سمجهان ٿو.

"زيـب" سـان مـتـرا كـلـنـدي مـلـنـدي،
ويـــتـــي ويـــنـــي تـــون،
هـــيـــكـــي جو ڳالـــهـــائـــين تـــو.
مان سمجهان ٿو.

اي پرين پڇ نه مونکان.
تو جڏهن لڳايو سيني سان.
ڪيئن جان ۾ ڏوڙيون سيسراٽيون.

تو مرڪي آڏرپاءُ ڪيو،
منهنجو ناري هڪدم هانءُ ڇڏيو،
تو تنهنجا تورا محب ميان.
ڪيئن جان ۾ ڏوڙيون سيسراٽيون.

دل جي ڌڙڪن رڪجي وئي،
اک ته ڪلي وئي رهجي وئي،
هوش به منهنجو گم اجان.
ڪيئن جان ۾ ڏوڙيون سيسراٽيون.

پئي ننڊ پڻ واري ياد وهي،
منهنجا تڪ ويا سارا الهي،
خوش ٿي اڄ مان چونه ڪلان.
ڪيئن جان ۾ ڏوڙيو سيسراٽيون.

تون پنهنجي اڱڻ جي آڳر ۾،
وئي "زيب" ڪنگي ڪي پاڪر ۾،
تو گل ها ڇنيا جو منهنجي متان.
ڪيئن جان ۾ ڏوڙيون سيسراٽيون.

تون اڳ تي آئين مونکي ايڏي تي خوشي.
جڏ ملي وئي آ مونکي پرين نئين زندگي.

سڀ دل تان غمن جا بار وينا لهي،
اڄ بگڙيل وري پيا ياگ ٿهي،
ڳوڙها ڳلن تان خوشيءَ جا پيا تہ ڳري.

رکي ٻانهون ڪلهي تي جڏهن پيار ڪيو تي،
گل دنيا جا چڻ مون لئہ هار ڪيو تي،
ٿري ٿري ٿو پوان تو کي هر هر ڏسي.

تون منهنجي پرين ڪائنات آهين،
سهڻي رب جي مون لئہ سوغات آهين،
کيان "زيب" ٿو مان هيءَ ڳالهہ سچي.

منهنجي پيار کي تماشو بڻائي ڇڏيئي.
هي جيون ڇو جاني جلائي ڇڏيئي.

ڏئي ڏک تون وٺين مونکان کسي سڀ خوشيون،
ويٺي سڀ وسري جيکي ڳالهيون توکيون،
چاڙهي چاهت جي چوٽ کان ڪيرائي ڇڏيئي.

اکيون روئن پيون دل تي ڏکي،
مونکي ماري وڌو تنهنجي رويي رکي،
هر پيار جو دشمن ڪلائي ڇڏيئي.

ڪيڏي پارت ڪئي توکي زيب جاني،
ڪجاڻ قرب منهنجي جي تون قدرداني،
ڀڏي اڻ ڀڏي ڪري وڃائي ڇڏيئي.

تنهنجو گهوُري ڏسڻ، تورو مرُڪي پوڻ.
مون کي ماري ويو.

ڪارن ڪارن وارن ۾، گل گلابي هٽڻ.
مون کي ماري ويو.

تورو شرمائجي ائين، چيچ چپ ۾ ڏيڻ.
مون کي ماري ويو.

اوٽ در جي ڪري، چوري چوري ڏسڻ.
مون کي ماري ويو.

ڏرتيءَ جو هي، پيرين اگهاڙو اچڻ.
مون کي ماري ويو.

"زيب" کي تنهنجو ائين، پيارا پيارا چوڻ.
مون کي ماري ويو.

ادڙيا دل جا بڪيا، درد جاڳي پيا.
لڙڪ هاري وڌم.

هو ته منهنجي روئڻ تي به راضي نه ٿيو،
گهاءُ گهاوَن مٿان پوءِ به ڏيندو رهيو،
پر نه چپڙا اڄُريا، لڙڪ هاري وڌم.

بي درد جي ڏسي هيتري بي رُخي،
وسري مون کان وئي هر گهڙي ڪِل خوشي،
هانءُ جيرا جليا، لڙڪ هاري وڌم.

”زيب“ ماڻهن کي موقعو ويو اڄ ملي،
ڳالهه هر جا اها ويئي آهي کلي،
غير بيٺي کِليا، لڙڪ هاري وڌم.

هيڪر اچڻ ڪانپوءِ پيهر اچڻ ٿئي يا نہ ٿئي،
پاڻ ۾ پنهنجو وري پيارا ملڻ ٿئي يا نہ ٿئي.

مس مس مليو آ موقعو منڙا ميلاپ جو،
آءُ تہ گڏجي رهون پوءِ رهڻ ٿئي يا نہ ٿئي.

اڄ اسان ڏي ديدون ڦاڙيون پيو تو هرڪو ڏسي،
پاڻ دل کولي ڏسون پوءِ ڏسڻ ٿئي يا نہ ٿئي.

پيار وارن کي تہ دنيا ناهي سهندي صفا،
کلي وٺون هاڻي سڄڻ پوءِ کلڻ ٿئي يا نہ ٿئي.

"زيب" هن زندگي تي آ کهڙو ڀروسو ڪوئي،
زندگي هيءَ چار گهڙيون پوءِ جيئڻ ٿئي يا نہ ٿئي.

هلي آءُ هلي آءُ اوسهڻا ، وڏي آءُ وڏي آءُ سهڻا .
قرب آ تون ڪري ، پير پيارا پري .

تنهنجي آئي اڳڙ ٿيندو روشن ، خوش ڏاڍو ٿيندو منهنجو دل من ،
نهي آءُ نهي آءُ سينگار جي ، منهنجي ڳچيءَ جو تون آءُ هار ٿي ،
ساڏ توکي سڏي وڃ نہ مونکان پري .

راه ۾ تووچايان مان گلڙا ، مرڪندو تن تان آءُ تون منڙا ،
پلي آءُ پلي آءُ اودلدار تون ڪوبہ دل ۾ نہ ڪر ويچار تون ويهي ،
منهنجي اڳيان هانءُ منهنجو نري .

”زيب“ توسان گذاري حياتي ، مونکي گهرجي ڇا پيو يار باقي ،
لکي آءُ لکي آءُ تون دنيا کان ، توکي پنهنجي اکين ۾ رکان مان ،
رات مون وٽ رهين يا گ منهنجو وري .

پيار تي آ پهرو لڳو وقت ڪيئن گهه رهيو.
يار جي ملڻ لاءِ ڪوئي رستو نئون تاڙيو.

پيار جا هاويري گهٽا نه هوسا تي،
مونسان پنهنجن ئي ڪئي ويساد گهاتي،
ڪيئن ڪلي راز ويو پنهنجي ٻيلي پيار جو.

پاڻ رقيبن کي اڳئي ته اک ۾ هيا سون،
ويتر هو جليا جڏهن ٻئي پاڻ مليا سون،
حوصلو نه پوءِ پيي يار ڪڏهن هاريو.

"زيب" ڪٽي ڪيڏا ڪوئي ڪوٽ اڏائي،
پر راهه تان نه سگهندو ڪوئي هٽائي،
پيار تان هي ساد ڪِلي ڪِلي واريو.

ٻِڌي آڳنڌي آ تنهنجو تون پيار جي،
سوچي سمجهي صنم ڪنجاءِ پيارا قدم،
پٽ رکجانءِ پنهنجي اقرار جي.

گل توکي ڏسي پيا جهڪي، چنڊ تارا سيني ويا لڪي،
تو لئه بلبل چري، اچي هر هر ڦري،
مون جيان طلب اٿس ديدار جي.

تو مان خوشبوءِ ائين آئي، يار جڻ باغن ۾ آئي بهار،
ڏس تنهنجي حسن تي ٿيو مست منهنجو من،
ڪهڙي توکي ضرورت سينگار جي.

تو لئه هرڪي تو منهنجو هيانءُ، ٿري دل تي ڪٿي تنهنجو نانءُ،
پري ره ڪين پل، اچي "زيب" سان مل،
ڪين پرواه ڪر سنسار جي.

ڪهڙي مونکان ڀلا پئي آ خطا،
ڇني ڇڏئي سڀڳو پيار جو،
ڇو جيئري ڪري ويئين تون جدا.

تنهنجي منهنجي پيار جو چرچو هي عام هو،
جا ڏي تا ڏي، هلندو هي ذڪر تمام هو،
هاڻي ڇا ٿي ويو آ توکي بيوفا.

تو سان منهنجو رشتو دنيا کان ڀيو هو،
پرين منهنجي پيار کي نه سمجهي سگهيو تو،
اهڙي مونکي ڏني تو ڇو سزا.

جهٽ پٽ رسي مون کي ڌار ڪري وئين،
ڪيڏو تہ خلق ۾ تون خوار ڪري وئين،
سر ساه پنهنجو ڪيو هو مون توتان فدا.

دل وئين ڪسي منهنجي ڏوکي ۽ فريب سان،
ڪيڏو يار ڪري وئين ظلم تون "زيب" سان،
سچي دوستي ۾ توکئي ڇو دغا.

خوب تو ڏنو آ پيار جو هي صلو،
منهنجي رڳ رڳ ۾ ويو آ مچي ترتلو.

هن حياتي کي ناهڻ پرين مون گهريو،
ٽوڙي تو آ ڇڏيو منا سلسلو.

مون ته رب کان گهري پوءِ به آهي دعا،
ڪين ڪنهن کان ٿئي ڪنهنجو جاني جدا،
داد مون کي ڏنو آ منهنجي دشمن،
منهنجو منٿرا ڏسي هي عجب حوصلو.

ڳوڙها ڪڏهن ڳلن تان هي وهندا ڏسي،
پنهنجي نازڪ هٿن سان ڇڏيا هيئن اگهي،
هاڻي آئت ڏئي ڪير دل کي پلا،
مون کي وئين تون ڪري هت صفا هيڪلو.

پنهنجي هٿ جي وڍيءَ جو ڪو دارون نه آ،
بي سبب زيب ڏيندو ميارون نه آ،
هي جيئڻ به آهي ته ڪهڙو جيئڻ،
اهڙي جيئڻ کان مون لئه موت ڀلو.

اڄ ڪا ڏي وڃ سينگار تنهنجا، وڪريل چوهي وار تنهنجا،
اويار منهنجا اويار منهنجا.

تنهنجي لبن تي اها رونق ئي ناهي،
چو منهن تي بس ساڳي مرڪ ئي ناهي،
چو تو ڪيا هن اڄ ويس ڪارا ڏڌڙا پرين ٿو چو ساد پيارا،
ڳوڙها ڳلن تان هن لار تنهنجا.

شايد ڇڏي ڪنهن دل تنهنجي توڙي،
ويا وهم تو ڪي گهڻا هن و ڪوڙي،
ڪنهن تو کي اهڙا ڏکڙا ڏنا هن، ڏسي حال تنهنجو نين پنا هن،
ويا وبڙهي مونکي ويچار تنهنجا.

سالن کان پوءِ پاڻ مليا سون پيارا،
سور پي نه دل جا سليا سون پيارا،
"زيب" تہ هوتوين ويڳاٺو اڪيلو اڪيلو نماٺو نماٺو،
اڪين کي اوجاڳا انتظار تنهنجا.

تو کان پيار گهريو هو، مون گهري هئي نہ جدائي.
گهرجي نہ مون کي دنيا، آهيان تنهنجو شيدائي.

ڏس هاڻ بچو مون وٽ، مننار پلا چا هي،
ڇڏيو ماس ڏکن روڙي، رڳو ساہ رهيو آهي،
ماٺهو تہ کلن پيا، بڻين تون بہ تماشائي.

هي ساہ هليو ويندو، ڏک پوءِ کندين ڏاڍو،
مونکي تہ نهيو ليکن، ڏسندين نہ منهنجو پاڇو،
هر طرف نظر ايندي، پوتو کي نراسائي.

هي "زيب" تنهنجو آهي، ڇڏ زيب نہ پنهنجو تون،
وعدو مون سان ڪرهي، تيندين پو نہ ڪنهنجو تون،
بس فڪر اهو آهي، ڀي ڳڻتي نہ آکائي.

شام ڇوڙي کوٺ تي، آڪٽي آني ڳهڙو،
ٿي ڇيائين ڳهر ڪوني ڪونهي، آني آهيان ڏني ڪڙو.

مون گهريو پاڻي چڪو
مونکي ڇيائين چو پلا، ٿي ويو آهين پڪو.

صبح ابو ويو آهر تي،
چو پلا چا جي ڪري تون، آئين نه منهنجي گهر تي.

مون ڇپيو ڪيئن ملان،
هن ڇيو ڪا ڳالهه ناهي، مل جڏهن ڪوه تي اچان.

مون ڇيو ڪالهه هوس اچٽو،
جهٽ ڇيائين ”زيب“ ڏاڍو آهين ڪو ڊچٽو.

ڪو نہ قياس ڪيتي منهنجي دردن تي.
پئي ٺهڪ ڏنئي منهنجي سڏڪن تي.

تنهنجي عادت جوروجفا جي آ،
اميد تو ۾ پلا ڪهڙي وفا جي آ،
آئين ڪين پرين پنهنجي وعدن تي.

ٿت نوان پراڻا سڀ اٿلي پيا،
وري غم گوندر سڀ گڏجي ويا،
ٻرڪي لوڻ وئين منهنجي زخمن تي.

وئين "زيب" رئاريون عمر سجي،
دل درد سان پورا تي پئي پجي،
تو دل ٺاري پنهنجي ظلمن تي.

مون تہ تہ تنھنجو گھر بہ ڇڏيو آ،
گھر تہ ڇا پر تر بہ ڇڏيو آ،
پوءِ بہ ستم گھٽ ڪو نہ ٿيا.

پيار تہ تنھنجو مون نہ وساريو،
رڳ رڳ ۾ مون توکي گڏيو آ،
پوءِ بہ ستم گھٽ ڪو نہ ٿيا.

تو تہ پرائو سمجھو مونکي،
مون تہ توکي پنھنجو سڏيو آ،
پوءِ بہ ستم گھٽ ڪو نہ ٿيا.

توئي ڇڏايو شھر آ پنھنجو،
مون تہ خوشيءَ سان ڪو نہ لڏيو آ،
پوءِ بہ ستم گھٽ ڪو نہ ٿيا.

”زيب“ حياتي باقي بچي ڇا،
مون تہ اجھو ئي ڪو نہ اڏيو آ،
پوءِ بہ ستم گھٽ ڪو نہ ٿيا.

رنو رنو تو وڃين ماٺ ٿهون ڇا چوندا.
ماٺهون ڇا چوندا توتي مون تي کلندا.

تون ته لڳو آن ٻين جي چوڻ تي،
ماٺهون اڳئي ها ڪين سهندا.

تون به جدا ٿي خوش نه رهندين،
توکي به مٺا پيا مهڻا ملندا.

اڱ ته ائين نه يار هئين تون،
ڏک سک ۾ هٿا سي گڏ گهمندا.

”زيب“ رئا ريون يار وڃين تو،
توکان به پيارا پيا لڙڪ وهندا.

ڪيئن تو ڪاڻ سوا، مان عيد ڪيان،
منهنجي تولئه ڇڄي ٿي ڇاتي، وري دلبر دير تولاتي،
ٻڌاءِ ڪهڙا ويس ڪيان.

نيڻن کي ڇو ننڊ ٿي ناهي، سڌ ٿي ناهي،
جڻ جيءُ ٿي ڪوري ڪاتي، وري دلبر دير تولاتي.

جيئرا آهيون آس انهيءَ تي، ٻاس انهيءَ تي،
ته وڃ اڱڻ تي پائي جهاتي، وري دلبر دير تولاتي.

دکي دل کي آٿت ڏي ڪا، چاهت ڏي ڪا،
جا تنهنجي ڏسڻ لاءِ آتي، وري دلبر دير تولاتي.

"زيب" جي حالت ڏس، او پيارا جيءَ جيارا،
آهي سورن منجهه حياتي، وري دلبر دير تولاتي.

جيڪو هر هر زلف ٿو ناهي،
ڏاسينگن جيان وار ورائي.
سوئي منهنجو دلبر آهي.


لبڙا جنهن جا لال گلابي،
نيڻ به ان جا مست شرابي،
هٿڙن تي ٿو ميندي لڳائي،
سوئي منهنجو دلبر آهي.

منهنجي محب جي اها آ نشاني،
جنهن جي ڳل ۾ ڳاڙهي ڳاني
ويترا اکين ۾ ڪجل ٿو پائي
سوئي منهنجو دلبر آهي.


دنيا جي نه ڪاڻ رکي ٿو
سهڻن ڪان به سهڻو لڳي ٿو
ڏيهه ڇڏيو جنهن مست بڻائي
سوئي منهنجو دلبر آهي.

"زيب" کي جنهن نه ڪڏهن وساريو،
ڏک سک ۾ آ گڏ جي گذاريو،
منهنجي ڏسڻ لئه ليئڙا پائي،
سوئي منهنجو دلبر آهي.


تنهنجي سونهن تان سا؛ تئي صدقي،
اها منهنجي آس آهي،
تنهنجي پيار کان، دل نہ تي پرجي،
ڏس ڪيڏي پياس آهي.



تنهنجو ڏک ڪوئي بہ نہ ڏسي آهيان سگهندو،
تنهنجي لئہ رب کان خوشيون آهيان گهرندو،
شل عرض هي مولا آگهائي،
باسي اها باس آهي.



تو لاءِ تيندو ڪيڏو پريشان آهيان،
هر هر رسڻ تي تيندو حيران آهيان،
ڪتي اکڙيون رڳو هن روئنديون،
دل بہ اداس آهي.



”زيب“ سدائين پيو تو کي ساراهي،
ساري دنيا کي ڇڏي تو کي تو چاهي،
ديوار تا ماٿهون بڻجن،
رهيو گهٽ قياس آهي.

منهنجي ڏسڻ سان، ٿورو کلڻ سان،
نيڻ ڇو نمائيندي آن، ڇا لاءِ شرمائيندي آن.

گهٽيءَ ۾ ايندو ڏسي، ڇو ويندي آهين لڪي،
مون کان لنوائيندي آن، ڇا لاءِ شرمائيندي آن.

نه تي جيڪڏهن ڏسين، اندر اندر پئي لڇين،
ڪانگ ڇو اڏائيندي آن، ڇا لاءِ شرمائيندي آن.

جڏهن نه هوندو آهيان، ٻاهر مان ويندو آهيان،
منهنجو ڇو پڇائيندي آن، ڇالاءِ شرمائيندي آن.

”زيب“ نه آهي تنهنجو، ڏس ڀلا آهي ڪنهنجو،
ڳالهه ڇو لڪائيندي آن، ڇا لاءِ شرمائيندي آن.

منا مان ڇا ڪين جينان تہ ڪيئن جينان.
تو سوا ويران آهي دل جو چمن.
زهر زهر آ سجي زندگي.
هي جيئڻ بہ آهي ڪهڙو جيئڻ؟

ڏينهن گذريو خير نہ آهي رات ۾ چين ڪونهي،
صبح کان سانجهيءَ تائين بس فڪر تنهنجو آهي،
تون آن منهنجو صنم مونکي تنهنجو قسم،
هر هر اتان ۽ ويهان.

رڳ رڳ ۾ آسمائي مهڪ تنهنجي پيار جي،
طلب آهي ڏاڍي مونکي تنهنجي ديدار جي،
تون هڪڙي گهڙي اُ سهڻا لڙي.
تڪيو راهون تنهنجون ڏسان.

رهين سامهون سدائين پيو توکي ڏسان مان،
منا توکان سواءِ پيو پرين ڪين پسان مان،
"زيب" شام سحر هي جدائيءَ جو زهر.
پيو تو روز پيان.

مرڪ جنهنجي ايڏو موهيو.
هن جو کلڻ الائي ڇا هوندو.
روح کي راحت ائين ٿي اچي ٿي.
هن جو ملڻ الائي ڇا هوندو.

شهر گهٽيءَ ۾ خوشبوءِ ايڏي،
هن جو اڱڻ الائي ڇا هوندو،
نياپو مليو آ ساهه پيو آ.
خط لکڻ الائي ڇا هوندو.

پرمان گذريو خون وڌي ويو،
گڏ ويهڻ الائي ڇا هوندو،
خيالن ۾ ئي "زيب" مزو آ.
سندس اچڻ الائي ڇا هوندو.

چو تـا مـاريـو مـونـکـي اي مـنـهـنـجا ابـا !
مـونـکـي چو تـا کُهـو اي مـنـهـنـجا ادا !
مـان نـہ کـاري آهيـان، مـان تـہ ڳاڙهي آهيـان،
چو تـي جيـجل کـريـن تـون بـہ مـونـکـي جدا.

مونکي پنهنجي ڪلهن تي تو گهمايو هو،
وٽـي چيـچ کـان مـونـکـي تـو ڦيـرايـو هـو،
کـيـڏي پـيـاري هـئـس مـان تـو کـي سـدا.

مـونـکـي پـنـڊڙن ۾ ڏنـي تـو تـہ لـولـي امـان،
پـيـاري پـيـاري پـولـي تـو تـہ پـولـي امـان،
چو تـي در تـان ڏئـين تـون بـہ مـون کـي ڌکـا.

اي ادا تـو کـي مـان تـي پـيـريـن پـوان،
مـون تـي پـاجهہ کـر مـان تـي پـانـهون پـڏان،
جان بـخش مـنـهـنـجي تـون واسـطـي خدا.

سجڻ تنهنجي لئہ تي وئي دل ويڳاڻي،
پرين پيار جي جهت ڪيئي چو پڇاڻي.

اڄڻ جي اڄان تو ڪئي ڪا نہ پيارا،
ڪيم ڏوهہ ڪهڙو ڪيا تي ڪنارا،
پئي ياد تو ڪي نہ الفت پراڻي.

متا دم حياتي الائي جي ڇا هي،
گهڙيون چار هر ڪو مهمان آهي،
متان موت ماري ڪيون موڪلاڻي.

متا "زيب" ڪهڙي سبب تو وساريو،
اول جام پي تو پرين پاڻ پيارو،
ڏڪاري هليو وئين وري ڇا ڻي واڻي.

سهڻو چنڊ آن، سونهن جو سمنڊ آن.
ڪيڏو تون نهين ٿو پرين، مونکي تہ وڻين ٿو پرين
تون آن گلابي گل.

حسن تنهنجو سڀ کان زور آ، مٽ نہ تنهنجو ڪوئي مور آ،
تون منهنجي دل جو ڏٺي، چهرو تنهنجو پرين،
جيئن ڪينجهر اندر آ ڪنول.

هڪ تہ ڳاڙهو ويس ٿي ڍڪيو، هٿ ۾ ہيو ٿي روما ڪنيو،
تون اڳيئي آهين حسين، ماري ڇڏين ٿو،
ويتر اکين ۾ تون پائي ڪجل.

"زيب" ڪنگي جي يار تون، اڄ تہ زندگي سنوارتون،
ڏک ڏنا هن مون گهڻا، ويجهو آءُ پرين،
تاهيون ڪو پيار جو محل.

سونهن کونهي اها سرهاڻ کونهي.
تنهنجي ڳلڙن تي لالاڻ کونهي.

گلڙن جهڙو نازڪ چهرو ڇو اڄ آهي ڪومايل،
ڳاڙهن ڳلن تي لڙڪ ڇو آهن، سينڌ به ناهي سجايل،
ڪر تون سچي پيارا دوست دلدار،
ڇو چنڊ جهڙي پلا چانڊاڻ کونهي.

اگر تہ محفل ۾ منڙا تون ايندو هئين ڪيڏو مرڪي،
تنهنجي اچڻ سان محفل ساري پوندي هئي جڻ حرڪي،
ڪيئن تو لئہ منهنجو من هي تڙپيو هو،
تو ڪي جڻ تہ ڪائي جاڻ کونهي.

ساٿو ساٿو تنهنجو بدن آبيوس اکين ۾ پاٽي،
ڳالهہ لڪائين ڇو تو مون کان تون بہ ڄاڻي واڻي،
سڀ ڄاڻان تو، لوڪ ڏنئي مهڻا،
"زيب" سمجهين مثان ڪو سان کونهي.

ڏوهه تنهنجي حسن جو آهي ضرور.
منهنجي نظرن جو پيلا ڪهڙو قصور.
ڇا جواني آ تنهنجي مونکي تنهنجو قسم،
توکي ڏسندي ئي ملندو آ دل کي سُرور.

•

هر ساهه ۾ تنهنجي خوشبو ۽ تنهنجو سڳنڌ.
تنهنجي گهڙيءَ ۾ هرهر منهنجو آهي پنڌ.
تون پلي نيڻن جا وار ڪر مون مٿان،
مون ڪٿي آهي هٿايو پنهنجو ڪنڌ.

•

زندگيءَ جو جهرمٽو.
چپ منهنجا مس چٽو.
تون ۽ مان ٻئي گڏ،
هر طرف آ ڇهڇٽو.

•

ڪيڏو ڪوئي اداس آ.
زندگي بي نراس آ.
خاموش پويي مگر،
هي ڌرتي ۽ آڪاش آ.

•

تـــو جو مـــونـــكـــان اڪ آ ٿـــيـــري.
مـــنـــهـــنـــجو تـــي پـــيـــو جڳ آ ويـــري.
ســـادو مـــاڻـــهـــو ســـاديـــون ڳالـــهـــيـــون،
مـــان ڇا ڄاڻـــان تـــيـــري مـــيـــري.

•

تـــلـــخ زنـــدگـــيءَ جو اهـــو تجربـــو آ.
تـــه برداشـــت ســـڀ ڪـــجهـــه ســدائـــين ڪـــبـــو آ.
اهـــا ڳالـــهـــه ويـــچار ۾ پـــلا ڪـــيـــئـــن آئـــيـــون،
فـــقـــط پـــيـــٽ جو حـــل ڇون ٿـــا ڳـــيـــو آ.

•

ڪـــين جهـــلـــيـــنـــديـــون پـــيـــار کـــي هـــي ســـرحدون.
مـــاٽـــبـــيـــون مـــنـــزلـــيـــون اورانـــگـــي ســـڀ حـــدون.
اُت تـــتـــي ۽ ٿـــڌي ڪـــاهـــه پـــتـــائـــي جيـــان،
ڪـــيـــســـتـــائـــين ڪـــبـــيـــون "زيـــب" ويـــنـــي ســڌون.

•

رات پـــرڪـــيـــم ڳالهيـــون تـــارن ســـان پـــاڪ ٿـــتـــڻ تـــائـــين.
ڪـــريـــان ڪـــيـــئـــن بـــنـــد دروازو مـــان اچـــڻ تـــائـــين.
مـــان مـــري جي وجان "زيـــب" تـــڏهـــن پـــي هـــي،
منهنجون اکيون هونديون ڪليل تنهنجي ڏسڻ تائين.

•

سرءُجي منڊ ۾ سڄو گهر هو موڪلاڻ مهل.
هڪ تون ۾ بيو زيب عجيب منظر هو موڪلاڻ مهل.
دنيا ڪلي رهي هئي پنهنجي اکين ۾ ڳوڙها ها،
ڇا تہ ظلم هو ۽ ڇا تہ قهر هو موڪلاڻ مهل.

قبول آ زندگي ۾ جو انتظار ڏيندو وڃ.
مگر گهڙي ڪن تہ پرين پيار ڏيندو وڃ.
سڀ خوشيون عمر ۾ جون توکي ڏيان مان،
پر توکي وساريان تہ اهو اختيار ڏيندو وڃ.

پيار جي خوشبو ۾ احساس جون ڪتڪتايون،
هڪبئي کان پيا وينا اڄ پاڻ شرمايون،
مان ۾ ضمير منهنجو ۾ ماڻهن جا مشورا ۾
ڏرتيءَ جون ميارون ۾ آڪاش جون واڏايون.

مان سمايان مگر سمنڊ ماپي ڪٿي.
مان ڪپايان مگر پيار ڪاپي ڪٿي.
تون چوين تو تہ هاڻي وڃڻ ڏي مونکي،
هيءُ بکايل آ دل "زيب" ڍاپي ڪٿي.

اوجاڳو ۾ انتظار ڪيو مون تارن جي وچڻ تائين.
آئين نہ سڄڻ تون ٻاڪ جي ڦٽڻ تائين.
وڇوڙي جي واڇوڙي ۾ وئي ڦاسي دل ائين،
بي چين آهي "زيب" يار اوهان جي اچڻ تائين.

•

مان موسم نا هيان جو گذري وڃان.
مان پتر نا هيان جو پري وڃاڻ.
دل ۾ جذبات مان ٻہ رکان ٿو يارو،
مان ڪوڪوئلو نا هيان جو ٻري ٺري وڃان.

•

اڪيون پرجي آيون،
رسمن جي ور چڙهيون،
سنڌ امڙ جون جايون.

••

لوئيءَ ۾ لال،
سنڌؤ ۾ لڙهندي،
سهڻي ڏٺي ڪالهه.

••

هي جو نسريا سر،
سهڻي منهنجي سنڌ تي،
آ ڪائنر جي نظر.

••

هي جو نسريا سر،
پنهوارن سنگهارن جا،
آهن ڪاوان گهر.

••

لوهار ڪٽي لوهه،
آءُ جو جايس سنڌ ۾،
ڪهڙو منهنجو ڏوهه.

••

ڪونجن جي قطار،
تون ۽ مان،
ڪڏهن نه ٿيون ڌار.

••

ايڏو پيار نه ڏي،
وساري نه ويهان ڪٿي،
پنهنجو پاڻ ڪي.

••

ڳاڙها ڳاڙها گل،
ڪينجهر ڪناري،
ٽڙي پيا ڪنول.

••

مداريءَ جو ڪيل،
تو سوا او جاني!
جيون سارو جيل.

••

ٻيرن پڪا ٻير،
ساجن پنهنجي اڱڻ تي،
تنهنجا سچا تا پير.

••

ٻني هٿ اکين تي،
عمر ته وني گذري،
ڳولهيندي ساجن کي.

••

چا کريان مان يارو،
سات ڇڏي منهنجو،
ڏئي درد ويو پيارو.

••

پره ڦٽي باک،
ساجن سوا رات ساري،
سڄ منهنجي اوطاق.

••

واچوڙو ڙي واچوڙو،
محبوب وارن سان،
واه ٺاهيو تي جوڙو.

••

ڳاڙها ڳاڙها ڳل،
مرکن پيون مکڙيون،
جهولي ۾ جهليم گل.

••

هو ڏس پڪل ٻير،
سهڻي سنهنجي ڏرتي تان،
پليت هتاءِ پير.

•

متيءَ پريل جهولي،
ٻاتڙا ننڍڙا ٻارڙا،
ٻولن سنڌي ٻولي.

•

سمنڊ جون ڇوليون،
جيحل مونکي سمهاريو،
متيون ڏيئي لوليون.

•

بدحالي ۽ بک،
محنت ڪش مزدور کي،
مليا ڏاج ۾ ڏک.

•

اڄ ياد وري آئين،
منهنجي تصور ۾،
پيو مونکي تڙپائين.

•

ڪارا ڪارا ڪڪر،
خوشبوءِ وارو خط،
۽ موتين جهڙا اکر.

•

مور تونچي،
پڪ آهي ڄ،
محبوب تو اچي.

•

چمڪي تو چنڊ،
محبوب مونسان،
ڪير ۽ ڪنڊ.

•

ٻارن هٿ ۾ روٽ،
هو ۽ جانهاري پئي،
درجي ڪري اوٽ.

•

ميڻ بتي ۽ جي لاٽ،
مونکي تنهنجي گهر سواءِ،
ٻي هٽ نہ آئي واٽ.

•

ڪاڏي وڃان مان،
هر رستو گذري تو،
تنهنجي گهر اڳيان.

•

تيو من چريو،
محب جڏهن مونکي،
پاڪر ۾ پريو.

•

شفق جي ڳاڙهاڻ،
مرڪين تو محبوب تون،
نازن نخرن ساڻ.

•

شفق جي لالي،
تنهنجي اڳيان تي لڳي،
مرڪان خالي.

•

لفظن جي حرمت تاريخ جو حصو رهندي آهي، ان حوالي سان شاعر کي اڻسڌي طرح تاريخدان چئي سگهجي ٿو. زيب ڪنگو مون کي رومانس جو تاريخ نويس لڳندو آهي.

زيب ڪنگو جي شاعري جذبات ۽ احساسات جي آبشار جو دلربا ترنم آهي، جنهن کي پنهنجو لهجو، پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجو منفرد لباس آهي، اها موهي ٿي، اها هر ڀيري نئين لڳي ٿي، ان ۾ ڪا بہ مصنوعيت ناهي، زيب ڪنگو رومانس ۽ سماجيات جو عڪاس شاعر آهي، وڏي ڳالهہ تہ هو ٻوليءَ جي حرمت برقرار رکي ٿو.

درياءَ جي ڇڪين جي روح جهڙا هن جا خيال پڙهندڙ جي ذهن جي آڳر تي پنهنجا اڻ مٽ نشان ڇڏي وڃن ٿا. زيب جي شاعري عروض جي بنديا نرڙ تي لڳائي پنڌ ڪري ٿي، اها ٿڪجي نٿي، ان مان ڳوٺن جي ڪچين گهٽين جي خوشبوءِ اچي ٿي. اها شاعري، جيڪا لهرن جهڙو مزاج رکي ٿي ان کي پنهنجي نرالي ڪنوارتا ۽ اربيلي سندرتا آهي.

ايوب کوسو





سورھ سنڌي ادب



صاحب خان سورھ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488